REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر18فيبروري 2024 ع بمطابق07شعبان المعظم 1445ھ(قيمت 10 روپيا) شمارو:264

اليڪشن ڪميشن طرفان قومي اسيمبلي جي وڌيڪ 37 تڪن تي ڪامياب اميدوارن جا نوٽيفڪيشن جاري

اين اي 207 تي پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري، اين اي 194 ۽ 196 تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

اين اي 190 تي پ پ اميدوار اعجاز جکراڻي، اين اي 191 تي پيپلزپارٽي جي علي جان مزاري، اين اي 192 تي پ پ جي شبير علي بجاراڻي، اين اي 193 تي پ پ جي شهريار خان مهر جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

اين اي 199 تي پ پ جي علي گوهر مهر مهر، اين اي 200 تي پ پ جي نعمان اسلام شيخ جي ڪاميابي جو به نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اين اي 201 تي پ پ جي سيد خورشيد احمد شاهه، اين اي 202 تي پ پ جي نفيسه شاهه ۽ اين اي 203 تي پ پ جي فضل علي شاهه جيلاني ۽ اين اي 204 تي پ پ جي جاويد علي شاهه جيلاني جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

اين اي 205 تي پ پ جي اڪبر علي شاهه، اين اي 206 تي پ پ جي ذوالفقار علي ڀهڻ، جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اين اي 208 تي پ پ جي سيد غلام مصطفيٰ شاهه، اين اي 209 تي پ پ جي شازيه مري، اين اي 2010 تي صلاح الدين جوڻيجو جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اليڪشن ڪميشن پاران قومي اسيمبلي جي وڌيڪ 37 سيٽن تي اميدوارن جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. اين اي 207 تي پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري، اين اي 194 ۽ 196تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. اين اي 190 تي پ پ اميدوار اعجاز جکراڻي، اين اي 191 تي پيپلزپارٽي جي علي جان مزاري، اين اي 192 تي پ پ جي شبير علي بجاراڻي، اين اي 193 تي پ پ جي شهريار خان مهرجي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. اين اي 195 تي پ پ جي نذير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بشريٰ بي بي توشه خاني ۽ نڪاح ڪيسز جا فيصلا چيلينج ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي توشه خاني ۽ نڪاح ڪيسز جا فيصلا چيلينج ڪري ڇڏيا آهن. بشريٰ بي بي توشه خاني ريفرنس ۾ سزا جي خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ رياست ۽ نيب کي ڌر بنايو ويو آهي. هن احتساب عدالت جو 31 جنوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

SPORTS DIPLOMACY
ISLAMABAD SERENA HOTEL
ISLAMABAD SERENA HOTEL
اسلام آباد:صدر پاڪستان ڊاڪٽر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مان اليڪشن صحيح نموني نه ڪرائي سگهيو آهيان، استعيفيٰ ڏيان ٿو: لياقت علي چٺا

اليڪشن ڪميشن پاران الزامن جي جاچ جو اعلان ڪري ڇڏيو، اجلاس گهرائي ورتو. اليڪشن ڪميشن ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪري ڇڏي

مان ڊيوٽي صحيح نموني نه ڪري سگهيس، قومي اسيمبلي جي 13 تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، هارايل اميدوارن کي کٽرايو ويو: ڪمشنر راولپنڊي جي پريس ڪانفرنس

راولپنڊي مان 13 ماڻهن کي کٽرايو ويو، 70، 70 هزار ليڊ وارن کي هارايو ويو. منهنجا ماتحت اهو ڪم نه پيا ڪرڻ چاهين، پرزائيڊنگ آفيسر منهنجي سامهون روئي رهيا هئا

چونڊ ڌانڌلي ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس پاڪستان به ملوث آهن، مون سميت انهن کي به استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي

مون کي راولپنڊي جي ڪچهري چوڪ تي موت جي سزا ڏني وڃي، مون سان اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين کي به سزائون ڏنيون وڃن، مان نٿو چاهيان ته 1971 جو واقعو ٻيهر ٿئي، فجر ويل مون آپگهات جي ڪوشش به ڪئي

اسلام آباد/ راولپنڊي(مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا سموري ڊويزن ۾ چونڊ ڌانڌلي ڪرائڻ جو اعتراف ڪندي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن ڪمشنر جي الزامن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لياقت علي چٺا (فائيل فوٽو)

ڪمشنر راولپنڊي جي الزامن تي چيف جسٽس نوٽيس ورتو

الزام ته ڪير به لڳائي سگهي ٿو، الزام لڳائڻ اوهان جو حق آهي ته ثبوت به پيش ڪيو: اعليٰ عدالت

سياڻي ڀلي چوري، قتل جو الزام به لڳايو پر جيڪڏهن الزامن ۾ سچائي آهي ته ثبوت به پيش ڪيو

ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪمشنر راولپنڊي جي الزامن تي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جو ردعمل سامهون آيو آهي. سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پنڊي پوليس لياقت علي چٺا جي گرفتاري جي ترديد ڪري ڇڏي

راولپنڊي (م د) راولپنڊي پوليس عام چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام لڳائڻ ڪانپوءِ استعيفيٰ ڏيندڙ ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور:پوليس اهلڪار تحريڪ انصاف اڳواڻ سلمان اڪرم راجه کي گرفتار ڪري رهيا آهن

”ڪمشنر راولپنڊي جا چرڪائيندڙ انڪشاف“ پاڪستان پيپلزپارٽي طرفان جاچ جو مطالبو

ڪمشنر راولپنڊي سنگين الزام لڳايا آهن جنهن جي جاچ ٿيڻ گهرجي، سوال ته اٿي ٿو ته 10 ڏينهن ڪانپوءِ ڪمشنر راولپنڊي جو ضمير جاڳيو؟: شيرين رحمان

ڪمشنر راولپنڊي کي پنهنجي الزامن جا ثبوت به ڏيڻ گهرجن، لياقت علي چٺا چيف جسٽس تي به الزام مڙهيا آهن جيڪي سمجهه کان ٻاهر آهن

ڪمشنر راولپنڊي چرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن، پيپلزپارٽي کي به اليڪشن تي خدشا آهن: پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي

ڪراچي(رپورٽر+ م د) پ پ اڳواڻ شيري رحمان چيو آهي ته ڪمشنر راولپنڊي سنگين الزام لڳايا آهن جنهن جي جاچ ٿيڻ گهرجي. هڪ بيان ۾ شيري رحمان چيو ته سوال ته اٿي ٿو ته 10 ڏينهن ڪانپوءِ ڪمشنر راولپنڊي جو ضمير جاڳيو؟ سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ سنڌ جي حمايت يافته آزاد اميدوارن جو سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت جو فيصلو

پي ٽي آءِ جي حمايت يافته چونڊيل ميمبرن کي سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل ٿيڻ نه پيو ڏنو وڃي: خرم شيرزمان

ياد رهي ته پي ٽي آءِ جي حمايت يافته پي ايس 88 تان چونڊيل ايم پي اي پ پ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي

ڪراچي: (رپورٽر) پي ٽي آءِ سنڌ جي حمايت يافته آزاد اميدوارن سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ خرم شيرزمان الزام مڙهيو آهي ته پي ٽي آءِ جي حمايت يافته چونڊيل ميمبرن کي سني اتحاد ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پنجون سال آهي، نه ڪيس هلي ٿو نه پتو پوي ٿو ته مون مٿان ڪهڙو الزام آهي: شاهد خاقان عباسي

چونڊ نتيجن ڪانپوءِ ڪو به اقتدار جو حقدار نه آهي، ملڪ ۾ انوکي اليڪشن ٿي جنهن تي گوگل به پريشان آهي ته نتيجو ڪهڙو آيو آهي

مون ڀهريان ئي چيو هو ته حالتون بهتر ٿيڻ ڪانپوءِ چونڊون ڪرايون وڃن، منهنجي ڳالهه صحيح ثابت ٿي ۽ سيني ڏسي ورتو ته ڇا ٿيو آهي ۽ ڇا ٿيندو

اڄ ڪو به اقتدار جو حقدار نه آهي، مسئلو ملڪ جو آهي ۽ سيني کي ملڪ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي، هي هڪ ناڪام اليڪشن آهي

ڪراچي (رپورٽر+ م د) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته فارم 47 سان ڪمپرومائز ڪرڻ هوندو تڏهن ئي حڪومت ٺهي سگهندي. ڪراچي جي احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي جو چوڻ هو ته پنجون سال آهي، نه ڪيس هلي ٿو نه پتو پوي ٿو ته مون مٿان ڪهڙو الزام آهي؟. چونڊن بابت ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو ته ملڪ ۾ انوکي اليڪشن ٿي جنهن تي گوگل به پريشان آهي ته نتيجو ڪهڙو آيو آهي، فارم 45 ۽ فارم 47 جو مسئلو آهي، فارم 47 وارو فاتح آهي. اهو اليڪشن ڪميشن جو ڪمال آهي ته فارم 47 ڀهريان ئي ٺهي ويو هو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي:الفلاح بينڪ صدر ۽ سي اي او باجوه زندگي ٽرسٽ جي اسڪول جو دورو ڪندي

مريدڪي ۾ ڪار ۽ مزدا ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 6 ڄڻا اجل جو شڪار

مين جي ٽي روڊ تي رياڻپورا ويجهو لاهور کان گوجرانوالا ويندڙ تيز رفتار ڪار ون وي جي ڀڃڪڙي ڪندي سامهون ايندڙ مزدا ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي

خوفناڪ حادثي سبب گاڏي جو اڳيون حصو مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو جڏهن ته مزدا جو اڳيون حصو گهڻو متاثر ٿيو. مزدا ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار هڪ ئي ڪٽنب جا 6 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته 3 عورتون سخت زخمي ٿي پيون

مريدڪي(م د) مريدڪي ۾ ڪار ۽ مزدا ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت جڏهن ته 3 عورتون سخت زخمي ٿي پيون. مين جي ٽي روڊ تي رياڻپورا ويجهو لاهور کان گوجرانوالا ويندڙ تيز رفتار ڪار ون وي جي ڀڃڪڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪمشنر راولپنڊي جي الزامن جو مقصد ن ليگ جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻڻ آهي: حنيف عباسي

ڪمشنر ڪنهن به تڪ جو ريٽرننگ آفيسر ناهي، سندس ضمير ايترو جلدي جاڳي پيو ۽ ڇو جاڳيو مان ته حيران آهيان

منهنجي ڄاڻ موجب شايد لياقت علي چٺا جي خاندان جي فيملي ۾ ڪجهه مسئلا هلي رهيا آهن

لاهور(م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ حنيف عباسي چيو آهي ته ڪمشنر راولپنڊي ڪالهه مون کي واڌايون ڏنيون. گذريل ڏينهن منهنجي ڪمشنر سان ملاقات ٿي هئي جنهن جا فوٽيج به موجود آهن. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مان گل رعنا ڪميونٽي سينٽر کي 75 هين سالگرهه جون واڌايون پيش ڪريان ٿو: نگران صوبائي وزير

بيگم گل رعنا 1948 ع ۾ هن ڪميونٽي سينٽر جو بنياد وڌو، منهنجون سڀ وڏيون ڀينرون پنجاهه، پنجاهه سالن کان ڪم ڪري رهيون آهن

جيڪڏهن اسان 75 سالن تائين ان ئي رخ ۾ هلون ها ته ملڪ جي اها حالت نه هجي ها، هي عورتون گهريلو عورتون آهن جيڪي گهرن ۾ سامان ٺاهينديون آهن

اسان کي ڪميونٽي سينٽرز جي تصور کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي، هاڻي ته عورتون جهڙا حالات کان ڊڄي سڀ ڪم ڪن ٿيون، اهڙين ڏکين حالتن ۾ هن اداري کي هلائي رهيا آهن اهو ساراهه جوڳو عمل آهي

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير اطلاعات، اقليتي معاملا، سماجي تحفظ، صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه گل رعنا ڪميونٽي سينٽر جي 75 هين سالگرهه جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مان گل رعنا ڪميونٽي سينٽر کي 75 هين سالگرهه جون واڌايون پيش ڪريان ٿو. منهنجون سڀ وڏيون ڀينرون پنجاهه، پنجاهه سالن کان ڪم ڪري رهيون آهن. بيگم گل رعنا 1948 ع ۾ هن ڪميونٽي سينٽر جو بنياد وڌو. بيگم گل رعنا ان دور ۾ به ڪميونٽي سينٽرن جي اهميت کي ڄاڻندي هئي، اها اڄڪلهه جي ڳالهه ناهي. اها 75 سال پراڻي ڳالهه آهي. هن چيو ته جيڪڏهن اسان 75 سالن تائين ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

پرويز خٽڪ، پي ٽي آءِ پارليمينٽيرين جي چيئرمين شپ ۽ رڪنيت سان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

پرويز خٽڪ جنرل سيڪريٽري ذريعي پنهنجي استعيفيٰ سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏي

صحت جي مسئلن سبب پارٽي لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا نٿو ڪري سگهان: پرويز خٽڪ

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ پاڪستان تحريڪ انصاف پارليمينٽرين جي چيئرمين شپ ۽ ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. پرويز خٽڪ جنرل سيڪريٽري ذريعي پنهنجي استعيفيٰ سينٽرل ايگزيڪيوٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مري ۾ برسات ۽ برفباري جو امڪان، پي ڊي ايم اي پاران انتظاميه کي الرٽ رهڻ جون هدايتون

گليات ۽ ڀرپاسي ۾ 18 ۽ 19 فيبروري تي طوفاني برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي: پي ڊي ايم اي

مري ۾ اڄ کان 22 فيبروري تائين موسم جي صورتحال غير يقيني رهندي

ڪوئٽا: (م د) مري ۾ ايندڙ 2 ڏينهن دوران موسم خراب رهڻ جي اڳڪٿي سان گڏوگڏ انتظاميه کي هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پنجاب ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي(پي ڊي ايم اي) موجب مري، گليات ۽ ڀرپاسي ۾ 18 ۽ 19 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آءِ جو چونڊ نتيجن خلاف اسلام آباد ۾ احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو، انتظاميه طرفان اجازت ڏيڻ کان انڪار

تحريڪ انصاف جي ڪور ڪميٽي اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب سامهون احتجاج جي اجازت طلب ڪئي هئي جنهن کي ضلعي انتظاميه رد ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد ۾ قلم 144 لاڳو آهي، ڪنهن به احتجاج يا ريلي جي اجازت نٿا ڏئي سگهون: اسلام آباد انتظاميه

اسلام آباد: (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪور ڪميٽي چونڊ نتيجن خلاف اڄ اسلام آباد ۾ پرامن احتجاج جو سڏ ڏنو آهي. تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

گجگوڙ سان برسات ۽ برفباري جي اڳڪٿي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران برسات جو نئون سلسلو شروع ٿي ويندو، جيڪو 21 فيبروري تائين جاري رهندو: موسميات کاتو

گلگت بلتستان، خيبرپختونخواهه، ڪشمير ۽ ان سان لاڳاپيل جابلو علائقن ۾ موسم جهڙالي رهندي

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي نئين برسات وسائيندڙ سسٽم جي اڳڪٿي ڪئي آهي. موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ٽنڊوالهيار: عورت مارچ موبلائيزيشن جي سلسلي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، امر سنڌو ۽ ٻين عورت اڳواڻن جي شرڪت

8 مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي جنهن کي دنيا جون سڀ عورتون ملهائينديون آهن: امر سنڌو

سنڌ ۾ عورتن جي اڪثريت اڄ به گهرو تشدد جو شڪار آهي، عورتون کاڌ ۽ خوراڪ، تعليم، نوڪري صحت جي حوالي سان انتهائي پوئتي آهن

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) عورت مارچ موبلائيزيشن جي سلسلي ۾ ٽنڊوالهيار جي پلاٽ ڪالوني ۾ مايا ساگر اوڊ پاران ڪرنايل گڏجاڻي ۾ وومين ايڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪامران خان ٽيسوري پاران گورنر هائوس جي آءِ ٽي مارڪي جو دورو

آءِ ٽي ڪلاس وننڌڙ شاگردن پاران سنڌ جي گورنر جو شاندار استقبال ڪيو

انهن ڪورسز جو مقصد توهان جي مستقبل کي بهتر ۽ روشن بڻائڻ آهي : گورنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري گورنر هائوس جي آءِ ٽي مارڪي جو دورو ڪيو آءِ ٽي ڪلاس وننڌڙ شاگردن پاران سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

GOVERNOR
IT
ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري تقريب کي خطاب ڪندي

هي جديد ترين وينٽي ليٽر سوئٽزرلينڊ مان امپورٽ ڪيو ويو آهي: گورنر سنڌ

نجي ۽ سرڪاري شعبي جي اسپتالن ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون آهي

وينٽي ليٽر پيدا ٿيندڙ ٻارن جي بند ڦڦڙن کي کولڻ لاءِ تمام فائدمند آهي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري جي گهرواري پارانسنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ڪورنگي کي جديد ترين وينٽي ليٽر ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڏهرڪي ۾ هزارا ايڪسپريس جو مسافر ٽرين مان ڪري فوت

هزاره ايڪسپريس ٽرين پنجاب کان سنڌ وڃي رهي هئي ته ان جي هڪ مسافر ٽرين مان لهڻ جي ڪوشش ڪئي

مقتول جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي پر پوليس موجب سندس واسطو پنجاب سان آهي

رونتي (رپورٽر) ڏهرڪي ريلوي اسٽيشن پرسان هزاره ايڪسپريس مان ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. ٽي ويو پوليس موجب هزاره ايڪسپريس ٽرين پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: پي ايس ايل 9 جي رنگا رنگ افتتاحي تقريب منعقد

رنگا رنگ افتتاحي تقريب ۾ فنڪارن جي شاندار پرفارمنس چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

نائين ايڊيشن جي افتتاحي تقريب لاءِ سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا هئا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) رنگا رنگ افتتاحي تقريب سان پاڪستان سپر ليگ جي نائين ايڊيشن جو آغاز ٿي ويو پاڪستان سپرليگ جي نائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بلوچستان جو نئون وڏو وزير هر صورت ۾ هڪ جيالوئي هوندو: آصف زرداري

آصف زرداري جي صدارت هيٺ پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت جو بلوچستان جي نئين چونڊيل اسيمبلي بابت مشاورتي اجلاس زرداري هائوس اسلام آباد ۾ ٿيو

اجلاس ۾ بلوچستان جي نون چونڊجي آيل ايم پي ايز ۽ سينيئر قيادت شرڪت ڪئي جڏهن ته اجلاس ۾ بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ مختلف آپشنز تي غور ڪيو ويو

پ پ بلوچستان اتحادي حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڳالهين جو اختيار آصف زرداري کي ڏئي ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر+ م د) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته بلوچستان جو نئون وڏو وزير هر صورت ۾ هڪ جيالو ئي هوندو. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور:مسلم ليگ (ن) صدر شهباز شريف سان ڪامياب ٿيل آزاد اميدوار ملاقات ڪري رهيو آهي

پنجاب پوليس نامزد وزيرِ اعليٰ مريم نواز کي سيڪيورٽي فراهم ڪري ڇڏي

لاهور (م د) پنجاب پوليس ن ليگ طرفان نامزد وزيراعليٰ مريم نواز کي سيڪيورٽي فراهم ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خواجه سعد رفيق پي ٽي آءِ کي پ پ سان ملي وفاقي حڪومت ٺاهڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو

وفاقي حڪومت جي جوڙجڪ مسلم ليگ(ن) جي نه پر پارليامينٽ ۾ موجود سمورين پارٽين جي گڏيل ذميواري آهي :خواجه سعد رفيق

پي ٽي آءِ حمايت يافته آزاد ميمبر اڳرائي ڪن، پيپلزپارٽي سان ملي مرڪزي حڪومت ٺاهين اسان کين مبارڪباد پيش ڪنداسين

لاهور (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينئر اڳواڻ خواجه سعد رفيق تحريڪ انصاف کي پيپلز پارٽي سان گڏجي وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ(ايڪس) تي سعد رفيق بيان ڏنو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ کي حڪومت ٺاهڻ ڏيو، جاويد لطيف(ن) ليگي قيادت کي مشورو ڏئي ڇڏيو

خدا ڪري مسلم ليگ(ن) اهو فيصلو ڪري وٺي ته جنهن کي مرڪز ۾ اڪثريت ڏياري وئي انهي پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو وڃي

اهڙي فيصلي سان ملڪ ۾ انتشار پيدا ڪرڻ جي منصوبه بندي ناڪام ٿي سگهي ٿي :ن ليگ اڳواڻ جاويد لطيف

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينئر اڳواڻ جاويد لطيف پي ٽي آءِ جي باري ۾ چيو آهي ته جنهن پارٽي کي مرڪز ۾ اڪثريت ڏياري وئي،(ن) ليگ ان کي حڪومت ٺاهڻ ڏئي. جاويد لطيف سماجي رابطن جي ويب سائيٽ (ايڪس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جماعت اسلامي جي مجلس شوريٰ سراج الحق تي ڀروسي جو اظهار ڪري ڇڏيو، استعيفيٰ رد

مرڪزي مجلس شوري گڏيل طور تي استعيفيٰ کي رد ڪندي سراج الحق تي ڀروسي جو اظهار ڪيو

چونڊن ۾ ناڪامي جماعت اسلامي جي امير جي ڪري نه پر ڌانڌلي جي ڪري ٿيون آهن. چونڊن جي نتيجن کي رد ڪريون ٿا

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي مرڪزي شوريٰ گڏيل طور تي جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جي استعيفيٰ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. منصوره ۾ جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ جي صدارت هيٺ مرڪزي مجلس شوريٰ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جي ڊي اي ۾ شامل ڪجهه پارٽين جا اڳواڻ پير پاڳاري کي استعمال ڪري رهيا آهن: شازيه مري

سانگهڙ ۾ جي ڊي اي وارن غنڊا گردي ڪئي، پ پ جو هڪ ڪارڪن شهيد ٿي ويو ۽ مختلف پولنگ اسٽيشنن تي ايجنٽن تي تشدد ڪيو ويو

پولنگ اسٽيشن تي تشدد ۽ ٺپ ڏاهر جا ثبوت اليڪشن ڪميشن کي اماڻيا آهن، پير پاڳارو استعمال ٿي رهيو آهي، ڌرڻن سان ڪجهه نه ٿيندو

پولنگ جي ڏينهن ۽ ڳڻپ وقت جي ڊي اي وارا موجود نه هئا. ٻن ڏينهن بعد ڌانڌلي جا الزام هڻڻ سمجهه ۾ نه ٿا اچن

ڪراچي (رپورٽر+ م د) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ شازيا مري، جي ڊي اي جي ڌرڻي کي ڊرامو قرار ڏيندي چيو آهي ته اليڪشن جي ڏينهن جي ڊي اي ڌانڌلي خلاف ڇو نه آواز اٿاريو، ٻن ڏينهن بعد ڌانڌلي جا الزام لڳائڻ سمجهه کان ٻاهر آهي. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي شازيا مري چيو ته جي ڊي اي ۾ شامل ڪجهه پارٽين جا اڳواڻ پير پاڳاري کي استعمال ڪري رهيا آهن. هن چيو ته سانگهڙ ۾ جي ڊي اي وارن غنڊا گردي ڪئي. پ پ جو هڪ ڪارڪن شهيد ٿي ويو ۽ مختلف پولنگ اسٽيشنن تي ايجنٽن تي تشدد ڪيو ويو. ثبوت اليڪشن ڪميشن کي اماڻيا آهن. شازيا مري جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور:مسلم ليگ (ن) مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

پي ٽي آءِ وارا سياسي مفاد لاءِ ملڪ کي بدنام پيا ڪن: مريم اورنگزيب

جعلي فارم 45 ڪانپوءِ پيش آهي يورپي يونين جي جعلي پريس رليز، جعلي پرس رليز تي يورپي يونين کي پاڻ ترديد ڪرڻي پئي

يورپي يونين ۽ دنيا کي خبر پئجي وئي هوندي ته هي ڪيترا وڏا ڪوڙا ۽ ٺڳ آهن. برطانوي اداري کي به پي ٽي آءِ جي ڪوڙ تي ترديدي بيان جاري ڪرڻو پيو هو

9 مئي سميت هر موقعي تي پاڪستان ۽ ادارن تي حملا ڪندڙ رهيو. سندس جمهوري ۽ سياسي ساک جي حالت اها آهي جو ڪا پارٽي ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ تيار ناهي

لاهور(م د) مسلم ليگ ن جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان پي ٽي آءِ وارا پنهنجي سياسي مفاد لاءِ پاڪستان جي بدنامي کان نٿا مڙن. سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيغام ۾ ليگي ترجمان مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ فوڊ اٿارٽي انتظاميه جون ڪارروائيون، چڪاس وارو عمل شروع

ملاوٽ سان تيار ڪيل کاڌي پيتي جي شين کي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي: آغا فخر حسين

رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي ان ڪري اسان رمضان المبارڪ ۾ ملاوٽ کان پاڪ کير ۽ چانهه جي وڪرو کي يقيني بڻائينداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي، چانهه جي دڪانن ۾ ڪيميڪل مليل کير جي چانهه وڪرو ڪرڻ جي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي کير ۽ چانهه جي دڪانن جي وڏي پيماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لياقت چٺه منهنجو ويجهو دوست آهي، ڪافي وقت کان ذهني مسئلن جو شڪار آهي: راڻا ثناءالله

اهڙي ڪا به ڳالهه ٿئي ها ته هو مون کي ضرور ٻڌائي ها، لياقت علي چٺه سان ذهني مسئلو ڪافي وقت کان آهي

مسلم ليگ(ن) جي 12 صوبائي ۽ 6 قومي سيٽن طرف بعد ۾ وڃو پهريان لياقت علي جي ذهني صحت جو علاج ٿيڻ گهرجي

لياقت علي چٺه ڌانڌلي جا الزام لڳايا آهن انهن جي هر صورت ۾ جاچ ٿيڻ گهرجي

لاهور (م د) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير ۽ مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ راڻا ثناءالله چيو آهي ته لياقت علي چٺه منهنجي ويجهن دوستن ۾ شامل آهي، کيس چڱي ريت سڃاڻان ٿو. هو ڪافي وقت کان ذهني دٻاءَ جو شڪار آهي. نجي چينل سان ڳالهين دوران راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر جي الزامن تي ردعمل ڏيندي راڻا ثناءالله چيو ته لياقت علي چٺه ڪافي وقت کان منهنجي ذاتي دوستن ۾ شامل آهي. اهڙي ڪا به ڳالهه ٿئي ها ته هو مون کي ضرور ٻڌائي ها. لياقت علي چٺه سان ذهني مسئلو ڪافي وقت کان آهي. ڇو ته آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ ذهني طور تي صحيح نه هوندو آهي ان لاءِ شايد ان جو علاج به هلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

منتظم دھاندلی اور ووٹ چوری نامنظور
نکلو اپنے حق کیلئے
پریس کلب
پاکستان تحریک انصاف
حيدرآباد:پاڪستان تحريڪ انصا ڪارڪن اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاج ڪندي

ڊڙو ۾ اکين جي طبي ڪئمپ قائم

ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو مفت علاج ڪري دوائون ۽ چشما ڏنا

انشاءالله عوامي خدمت جو جذبو جاري رهندو : اڳواڻ

ڊڙو (ن سنڌيار) ڊڙو ۾ اکين جي طبي ڪئمپ. ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو مفت علاج ڪري دوائون ۽ چشما ڏنا. خبر موجب ڊڙو ۾ ملير ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻي جو اعلان

محمد يعقوب وڳڻ- بهادر علي- ساگر يوسف منگي جي اڳواڻي ۾ سوين پورهيتن پريس ڪلب آڏو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اقبال احمد لاڙڪ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اسان تيجهي تائين انتظار ڪيو آهي : مظاهرين

شهيد اقبال احمد لاڙڪ جي تيجهي جي دعا سندس اباڻي ڳوٺ ڪاهي راهو ۾ گهري وئي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن سنڌ جي صدر ميان عبدالرحيم پارو پاران قتل ٿي ويل پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ 22 فيبروري تي ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز اڳيان ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي ميان عبدالرحيم پارو مهتاب علي سومرو محمد يعقوب وڳڻ بهادر علي ساگر يوسف منگي جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نامعلوم قاتلن مٿان اقبال
لاڙڪ جي پٽ ياسر اقبال
جي فرياد تي داخل

نوشهرو فيروز (د ر) پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ جي قتل واري ايف آءِ آر نوشهرو فيروز ٿاڻي تي چئن نامعلوم قاتلن مٿان اقبال لاڙڪ جي پٽ ياسر اقبال جي فرياد تي داخل ڪئي ويئي آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته منهنجو بيءُ اقبال احمد لاڙڪ. ڀاءُ آصف اقبال ۽ سٿوٽ وقار علي بئنڪ مان 50 لک ڪيرائي اسڪارپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ پورهيت اڳواڻ اقبال احمد لاڙڪ قتل واقعي خلاف ڪيل احتجاج جو ڏيک

دادو ۾ امام حسين صلی اللہ علیہ وسلم ۽ حضرت غازي عباس علمدار صلی اللہ علیہ وسلم جي ولادت باسعادت بابت جشن

اظهر علي شمسي، سيد ڪامران شمسي، سيد مهدي شمسي، سيد اياز بخاري ۽ ٻين غازي عباس جي نعرن جي گونج ۾ ڪيڪ ڪاٽيو

نالي واري ثنا خوانن ضامن علي،، سيد مهدي، محبت علي شاهه، سيد فدا حسين، اڪبر منگي ۽ ٻين فنڪارن ثنا ڪئي

ملڪ جي سلامتي، غاصب اسرائيل جي بربادي ۽ مظلوم فلسطينين جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهري وئي ۽ نياز ننگر به وقفي وقفي سان جاري رهيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جشنِ انوار شعبان انجمن محبان اهلبيت ومحبان فقيرءَ دادو پاران حضرت امام حسين ۽ حضرت غازي عباس علمدار جي ولادت باسعادت وڏي عقيدت ۽ احترام سان قلندري مڪان فقير فيض درياءِ شمسي روڊ تي ملهايو ويو. سيد ساداتن سيد احسان حيدر شمسي، اظهر علي شمسي، سيد ڪامران شمسي، سيد مهدي شمسي، سيد اياز بخاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڊڙو ۾ صحت کاتي سڄاول ۾ ڪم ڪندڙ رينڊر سروس ملازمن پاران مظاهرو، نعريبازي

ڪافي وقت کان پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران ڊڙو جي سرڪاري اسپتال جو ٽوڪن بائيڪاٽ

رينڊر سروس تحت ڪم ڪندڙ ملازمن کي ڪافي وقت کان وٺي پگهارون کان محروم ڪيو ويو آهي : مظاهرين جون ڏانهون

سروس تحت ڪم ڪندڙ ملازمن جديد دور زماني ۾ مشڪل معاشي حالتن باوجود ايمانداري سان ڊيوٽيون سري انجام ڏئي رهيا آهن

ڊڙو (ن سنڌيار) ڊڙو ۾ صحت کاتي سڄاول ۾ ڪم ڪندڙ رينڊر سروس ملازمن ڪافي وقت کان پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف طرفان ڊڙو جي سرڪاري اسپتال جو ٽوڪن بائيڪاٽ، احتجاج، فورن پگهارون جاري ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ڊڙو ۾ پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن طرفان يونس سومرو، نعيم ميمڻ، امداد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سلطانپور پرسان لنجاري اسٽاپ تي ڏيتي
ليتي جي معاملي تان ٻج ياڻ جي واپاري ۽
پيٽرول پمپ مالڪ ۾ جهيڙو

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان لنجاري اسٽاپ تي ڏيتي ليتي جي معاملي تان ٻج ياڻ جي واپاري ۽ پيٽرول پمپ مالڪ ۾ جهيڙو ٿي پيو قرض جا پئسا گهرڻ تان آرائين برادري سان تعلق رکندڙ ٻج ياڻ جي واپاري عاشق آرائين ۽ سندس ساٿين ڪاهه ڪري پيٽرول پمپ مالڪ سڪندر شيخ کي مٿي ۾ هٿوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڊڙو ۾ صحت کاتي سڄاول ۾ ڪم ڪندڙ رينڊر سروس ملازمن پاران مظاهرو ڪيو ويو

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

188 ڏينهن بعد سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

پوليس جي نئين آيل ايس ايس پي هن وقت تائين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ڪي به قدم نه کنيا آهن : مظاهرين

جيستائين شهيد جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، 188 ڏينهن بعد سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف چنچر ڏينهن ايس يو جي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ واپاري نمائش ۽ برآمد بابت آگاهي سيمينار جو افتتاح

ننڍي واپار سان لاڳاپيل واپاري نمائش مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ايڪسپورٽ بابت آگاهي حاصل ڪرڻ گهرجي : ڪمشنر

ڪاروباري سرگرمين کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ لاءِ سکر ۾ ڊرائي پورٽ قائم ڪرڻ جو عمل جلد مڪمل ڪيو ويندو

مهانگائي جي هن دور ۾ ننڍين ڪاروبارن ذريعي سنڌن معاشي حالتون بهتر ڪري سگهجن ٿيون : خطاب

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن فياض عباسي چيو آهي ته حڪومت جي حڪم تي ڪاروباري سرگرمين کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ لاءِ سکر ۾ ڊرائي پورٽ قائم ڪرڻ جو عمل جلد مڪمل ڪيو ويندو. ننڍي واپار سان لاڳاپيل واپاري نمائش مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ايڪسپورٽ بابت آگاهي حاصل ڪرڻ گهرجي ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽڊاپ) وزارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پڊعيدن ۾ وزيراعظم
عمران خان جي ڪال
تي احتجاج

پڊعيدن (رپوٽر) پڊعيدن پي ٽي آءِ جي چيئرمين اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڪال تي سڄي ملڪ جيان پڊعيدن ۾ احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ضلعي نوشهروفيروز جي سينيئر نائب صدر امتياز علي راڄپر، تعلقي نوشهروفيروز جي سينيئر نائب صدر افتخار علي شر، پڊعيدن سٽي صدر ياسين خاصخيلي اسحاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ واپاري نمائش ۽ برآمد بابت آگاهي سيمينار جو افتتاح ڪيو ويو

سنڌ ۾ هڪڙو به اهڙو باضمير ماڻهو ناهي جيڪو استعيفا ڏئي اڳيان اچي : اياز لطيف پليجو

30 هزار ۽ قومي تي 50 هزار اضافي ٺپا هڻي پ پ اميدوارن کي ڏنا ۽ حقيقي کٽيندڙ اميدوارن جا ووٽ گم ڪري ڇڏيا

پي ايس 60 قاسم آباد سميت سڄي سنڌ جي ڊي آروز، آروز ۽ پرزائيڊنگ آفيسرن ۾ ٿوري به قومي غيرت ۽ ضمير آهي

هنن 15 سالن کان پيپلزپارٽي سان پنهنجا تعلقات نڀائڻ لاءِ پئسا وٺي سنڌ جا ووٽ چوري ڪيا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته پي ايس 60 قاسم آباد سميت سڄي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر، ريٽرننگ آفيسر، پرزائيڊنگ آفيسر ڌانڌلين ۾ ملوث هئا. انهن پئسا وٺي صوبائي تي 30 هزار ۽ قومي تي 50 هزار اضافي ٺپا هڻي پ پ اميدوارن کي ڏنا ۽ حقيقي کٽيندڙ اميدوارن جا ووٽ گم ڪري ڇڏيا. پ پ مخالف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا

اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ڏنل احتجاج واري سڏ تي احتجاج ڪيو ويو

ڀڳت سان اسان جي کٽيل ماڻهن جا رزلٽ تبديل ڪيا آهن، اسان جي اميدوارن کي هٿ سان هارايو ويو : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي جو نوٽيس وٺي اميدوارن کي انصاف ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا. اليڪشن ڪميشن خلاف نعريبازي تفصيل موجب اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف پاران ڏنل احتجاج واري سڏ تي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ به وڏي پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي وڏي انگ ڪلب اڳيان پي ٽي آءِ اميدوار گوهر علي ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

متياري ۾ سنڌي بولي
قومي بولي عنوان هيٺ
ساس شاخ جي ويهڪ

متياري (رپورٽر) سنڌي بولي قومي بولي عنوان هيٺ ساس شاخ متياري سٽي جي ويهڪ ٿي گذري سنڌي ادبي سنگت شاخ متياري سٽيءَ جي سنڌي بولي قومي بولي عنوان هيٺ ويهڪ زير صدارت سنڌ جي برک شاعر پير بهاءُالدين سرهندي جي ٿي گذري، جنهن ۾ پليجائيءَ جا تازو ٻنا مقابلي چونڊيل ضلعي رابطه سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف پي ٽي آءِ ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا ڪيل احتجاج جو ڏيک

دادو ۾ معصوم نينگر جي قتل ڪيس جي الزام هيٺ آيل ڌر پاران مظاهرو

قائم نگر ڪالوني جي رهواسين مسمات بيواهه رفعت، علي رضا، گلاب ۽ طارق سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس جوابدارن علي شير عرف مصطفيٰ، مبين ۽ عنايت الله سولنگي تي داخل ڪيو ويو هو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) معصوم نينگر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي ۾ قتل ٿيندڙ معصوم جو قاتل پوليس جي ور چڙهي ويو

قتل ٿيل معصوم ابان جو قاتل پنهنجوئي رشتيدار پاڻيچو نڪتو

ملزم جي عمر 15 سال آهي ۽ ملزم کي پنهنجي مامي وارن گهر ۾ سار سنڀار لاءِ رکيو هو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهور) تيز ڌار ڇهري سان بيدردي سان قتل ٿيندڙ معصوم ابان جو قاتل پوليس جي ور چڙهي ويو ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ قتل ٿيل معصوم ابان جو قاتل پنهنجوئي رشتيدار پاڻيچو نڪتو خبر موجب ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي معصوم نينگر ابان جو قاتل صوفيان پوليس حراست ۾ نظر اچي رهيو آهي

راڻيپور جي اڪثر علائقن ۾ ڦاٽڪن جا ڌوڙيا، ڦاٽڪن جا دڪان سري عام کلي ويا

معصوم ٻارڙا ڦاٽڪن سان راند ڪيڏڻ لڳا ڪوئي به جاني نقصان ٿي سگهي ٿو : رهواسي

15 شعبان اچڻ کان پهريان ئي ڦاٽڪن جا ڌوڙيا جنهن سبب ڪوئي به سانحو پيش اچي سگهي ٿو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور جي اڪثر علائقن ۾ ڦاٽڪن جا ڌوڙيا، ڦاٽڪن جا دڪان سري عام کلي ويا معصوم ٻارڙا ڦاٽڪن سان راند ڪيڏڻ لڳا ڪوئي به جاني نقصان ٿي سگهي ٿو ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مڪلي تي بس ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ فوت، 2 زخمي، زخمي اسپتال منتقل

روڊ تي مندر سامهون تيز رفتار مسافر بس موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر هڻي ڪيڏيو

پوليس فوتي جو لاش پڻ مڪلي پوليس وارثن حوالي ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ٺٽو (د ر) مڪلي تي بس ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر هڪ فوت، 2 زخمي، زخمي اسپتال منتقل، تفصيل موجب مڪلي بخاري چاڙهي کان هيٺ روڊ تي مندر سامهون تيز رفتار مسافر بس موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر هڻي ڪيڏيو، جنهن جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد واقعو پيش

اڻڄاتل چور صرافه بازار گلف جيولرز مان ڪروڙين رپين جا زيور چوري ڪري فرار

چوري واقعو رات دير سان ٿيو آهي، سيني رخن کان جاچ ڪئي ويندي : پوليس

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد واقعو پيش آيو آهي. اڻڄاتل چور صرافه بازار گلف جيولرز مان ڪروڙين رپين جا زيور چوري ڪري فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ گذريل رات نامعلوم چور ٿيو گلف جيولرز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو جي قائم نگر ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاج

معصوم کي قتل ڪري لاش دادو ڪئنال ۾ سيال موري وٽ اڇلايو ويو : مظاهرين

جوابدار مونکي موت مار ڌمڪيون ڏئي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) قائم نگر ڪالوني جي رهواسين حافظ حضور بخش سولنگي، غوث بخش، حافظ سڪندر علي، وڏيرو منور علي سولنگي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته اسان جي 5 سال معصوم نينگر نور حسن پٽ حضور بخش سولنگي کي 7 فيبروري تي اغوا ڪري گم ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو: قائم نگر ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاج ڪيو ويو

نئون ديرو جماعت اصلاح المسمين جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب

سال 2024 جي سليڪشن ٿيل تمام برانچ جي عهديدارن کي حلف کڻايو ويو

خليفه حاجي ممتاز علي جهوراڻ طاهري، خليفه قاري محمد سليم ڪنڌر طاهري ۽ ٻين جي شرڪت

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود پٺو) نئون ديرو جماعت اصلاح المسمين زون نئون ديرو ۾ شامل تمام برانچ جي سال 2024 جي عهديدار جي حلف برداري تقريب نئون ديرو جي جامع مسجد طاهري ۾ ٿي گذري جڏهن ته تقريب جي صدارت جماعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڌڪوٽ: اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف پي ٽي آئي پاران احتجاج

70_70 هزار جي ليڊ سان اميدوار کٽيل هئا انهن کي هارايو ويو : مظاهرين

پي ٽي آءِ جون کٽيل سيٽون واپس ڪيون وڃن

ڪنڌ ڪوٽ (رپوٽر جنيد غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ: اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف پي ٽي آئي جو انصاف هائوس آڏو احتجاجي مظاهرو اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪنڌڪوٽ: اليڪشن ۾ ڌانڌلي خلاف پي ٽي آئي پاران احتجاج ڪيو ويو

وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اڳواڻ محمد علي جان مجددي جي آمد

پي ايس 17 جي اڳواڻ حافظ عبدالحليم چانڊيو سان سندس جي والد صاحب جي وفات تي تعزيت

ڊويزن جو اڳواڻ غلام رسول ڪنير پي ايس 17 جو امير حافظ محبوب علي جوڻيجو ۽ ٻيا گڏ هئا

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان شمالي سنڌ زون 3 جي امير پير محمد علي جان مجددي جي وارهه آمد تحريڪ لبيڪ پاڪستان پي ايس 17 جي اڳواڻ حافظ عبدالحليم چانڊيو سان سندس جي والد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اڳواڻ محمد علي جان مجددي جي آمد

بدين ۾ صحافي عطا چانڊيو جو ڀاءُ جاني چانڊيو پر اسرار نموني قتل

جاني چانڊيو موٽر سائيڪل تي سوار ٿي بدين کان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو ته هٿيار بندن فائرنگ ڪئي

زخمي حالت ۾ ڪنائي انڊس سول اسپتال پهتا جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پيپلز پارٽي اڳواڻ حاجي مراد چانڊيو ۽ روزاني سوڀ اخبار جي ضلع رپورٽر عطا چانڊيو جو ڀاءُ جاني چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ادب سان سلهاڙيل اعجاز ممنائي جي ڪتابن جي مهورتي تقريب، ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

"برقعان اندر بازيون" ۽ "سامي جهاڳي سچ" ڪتابن جي مهورت قاسم آباد حيدرآباد ۾ ڪئي وئي، مقرر خطاب ڪيو

پارڪو اعجاز بهترين ليکڪ سان گڏ انسان دوست اديب آهي سندس اندر ۾ لطيف سرمايل آهي : محراب علي لطيفي/ نياز احمد شيخ/توفيق ماڪا

هن وقت پوري دنيا ۾ صوفي ازم جي پرچار ٿي رهي آهي چوته صوفي ازم ۾ ئي انسانيت جي بقا آهي : ياسمين ظفر ميمڻ/ مرزا ظهير / حسين علي اڄڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي ناميارا اديب، محقق، سماج سڌارڪ، شاهه سائينءَ جي شيدائي ۽ پارڪو اعجاز ممنائي جي ڪتاب "برقعان اندر بازيون" ۽ صوفي شاعر محمد ايوب ميمڻ جي ڪتاب "سامي جهاڳي سچ" جي مهورتي تقريب انٽرنيشنل رائٽرز پاڪستان صوبه سنڌ پاران نيسٽيجن لرننگ اسڪول ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ساڃاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

حيدرآباد: ڪتاب جي مهورتي تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو
"جوڻيجو هائوس خانپور جوڻيجو"
پهتو، تعزيت

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو "جوڻيجو هائوس خانپور جوڻيجو" پهچي اڳوڻي ايم پي اي عبدالعزيز جوڻيجي جي وفات تي سندس ڀائيٽن پ پ پ اڳواڻ اسدخان جوڻيجو، پ پ پ اڳواڻ علي بخش جوڻيجو سان تعزيت ڪري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نصير آباد جي رهواسي استاد ۽ قومپرست اڳواڻ شهيد هدايت لوهار جي مڙهه جي تدفين

جنازي نماز ۾ جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، عبدالفتاح چنا رواداري تحريڪ جي پنهل ساريو ۽ ٻين جي شرڪت

اڍائي سال اڳ به سندس والد کي فڪر جي ايم سيد تي هلڻ جي ڏوهه ۾ ڪنيي ڪيترائي مهينا گم ڪيو ويو هو : اڳواڻ

شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو پنهنجي عظيم مقصد خاطر جدوجهد جاري رهندي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) سن ۾ گذريل ڏينهن اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل نصيرآباد جي رهواسي استاد ۽ قومپرست اڳواڻ شهيد هدايت لوهار جي مڙهه کي نيائين سورٺ لوهار سستي لوهار ۽ ٻين سن جي ڳهتين مان ڪلها ڏئي تدفين لاءِ شاهه حيدر سنائي قبرستان آندو جنهن جي جنازي نماز ۾ جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي عبدالفتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهرو فيروز ۾ نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو، نعريبازي

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين زرداريءَ برادري جي معززين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي

لعل حسين، ڪامران، عابد علي، عبدالحنان، حاجي محمد انور قائمخاني، قاسم زرداريءَ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ شهيد بلاول زرداريءَ جي خون ۽ زخمين سان انصاف ڪيو وڃي : مظاهرين جون ڏانهون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان جمال شاهه وٽ اين اي 206 ۽ پي ايس 35 جي پولنگ اسٽيشن علي بخش ساڃي ۾ اليڪشن واري ڏينهن تي ٿيندڙ جهيڙي ۾ فائرنگ سبب گولين لڳڻ ڪري فوت ٿيندڙ نوجوان بلاول زرداريءَ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين زرداريءَ برادري جي معززين پاران احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

دادو جي قائم نگر
ڪالوني جي رهواسين
پاران احتجاج

دادو (رپورٽر) شهر جي قائم نگر ڪالوني جي رهواسين حافظ حضور بخش سولنگي، غوث بخش، حافظ سڪندر علي، وڏيرو منور علي سولنگي ۽ ٻين دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي 5 سال معصوم نينگر نور حسن ولد حضور بخش سولنگي جي پٽ کي هن مهيني جي 7 تاريخ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهرو فيروز ۾ پارڪو اعجاز ممنائي جي ڪتاب "برقعان اندر بازيون" جي مهورتي تقريب

تقريب ۾ جي ساڃاهه وندن اديبن شاعرن ۽ علم دوست شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

پارڪو اعجاز بهترين ليکڪ سان گڏ انسان دوست اديب آهي سندس اندر ۾ لطيف سرمايل آهي : اڳواڻ

هن وقت پوري دنيا ۾ صوفي ازم جي پرچار ٿي رهي آهي چوته صوفي ازم ۾ ئي انسانيت جي بقا آهي

نوشهرو فيروز (ب ر) سنڌ جي ناميارا اديب، محقق، سماج سڌارڪ، شاهه سائينءَ جي شيدائي ۽ پارڪو اعجاز ممنائي جي ڪتاب "برقعان اندر بازيون" ۽ صوفي شاعر محمد ايوب ميمڻ جي ڪتاب "سامي جهاڳي سچ" جي مهورتي تقريب انٽرنيشنل رائٽرز پاڪستان صوبه سنڌ پاران نيسٽيجن لرننگ اسڪول ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ساڃاهه وندن اديبن شاعرن ۽ علم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ضلعي هيڊ ڪوارٽر انصاف هائوس دادو کان پريس ڪلب دادو تائين پرامن ريلي سخت نعريبازي سان ڪڍي وئي

گذريل اليڪشن ۾ پاڪستان جي ادارن عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو آهي، ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا : مظاهرين

جن قوتن عمران خان کي مختلف قسمن جا ڪوڙا ڪيس ڪري ناحق بند ڪيو اڄ اهي سڀ ڪوڙا ٿيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان تحريڪ انصاف باني عمران خان جي جان نثار سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جي سڏ تي پوري ملڪ جيان سنڌ ۾ ووٽ چوري ڪري اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي واري عمل خلاف ضلعي دادو جي تعلقن جوهي، ميهڙ، ڪي اين شاهه ۽ دادو ضلعي هيڊ ڪوارٽر انصاف هائوس دادو کان پريس ڪلب دادو تائين پرامن ريلي سخت نعريبازي سان ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج
ماتلي جي پرنسپال منير احمد ٻرڙو
جي مان ۾ تقريب

ماتلي (رپورٽر) سنڌ پريس ڪلب ماتلي پاران گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي جي پرنسپال منير احمد ٻرڙو جي مان ۾ سرهي سانجهه ملهائي وئي ان موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ماتلي حاجي رضوان قائمخاني، وائس چيئرمين قاضي وهاب، گيسٽ اڳواڻ ميڊم شهنيلا قمبراڻي، ڪائونسلر عبدالرحمان هاليپوٽو، ظاهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نامنظور
پاڪستان تحريڪ انصاف ڪا ملڪ گير پرامن احتجاج

دادو: پاڪستان تحريڪ انصاف پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ضلعي هيڊ ڪوارٽر انصاف هائوس دادو کان پريس ڪلب دادو تائين پرامن ريلي سخت نعريبازي سان ڪڍي وئي

گذريل اليڪشن ۾ پاڪستان جي ادارن عوام جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو آهي، ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا : مظاهرين

جن قوتن عمران خان کي مختلف قسمن جا ڪوڙا ڪيس ڪري ناحق بند ڪيو اڄ اهي سڀ ڪوڙا ٿيا

دادو (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جي سڏ تي پوري ملڪ جيان سنڌ ۾ ووٽ چوري ڪري اليڪشن ۾ ڌانڌلي واري عمل خلاف ضلعي دادو جي تعلقن جوهي، ميهڙ، ڪي اين شاهه ۽ دادو ضلعي هيڊ ڪوارٽر انصاف هائوس دادو کان پريس ڪلب دادو تائين پر امن ريلي سخت نعريبازي سان ڪڍي وئي. ريلي کي تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري

ڪارروائي دوران وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ گوليون هٿ، علائقي ۾ سرچ آپريشن

جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، فرار جوابدارن جي ڳولا جاري

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري، ڪارروائي دوران وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ گوليون هٿ، علائقي ۾ سرچ آپريشن. سکر پوليس جي ترجمان موجب ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ جي هدايتن تي عمل ڪندي سکر پوليس پاران ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري آهي ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او جهانگوٽو جي اڳواڻي ۾ پوليس گجهي اطلاع ملڻ تي علائقي جي حد ۾ ڪارروائي دوران چورن جي ٺڪاڻن تي ڇاپو هنيو ۽ ڇاپي دوران ڪلاشنڪوف ميگزين، گوليون، بندوقون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري آهي

شهدادڪوٽ ۾ اي سيڪشن پوليس
ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن جي زيادتين
خلاف مظاهرو

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ اي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن جي زيادتين خلاف ڳوٺ يار محمد بروهي جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي متاثر ڳوٺاڻن خالد حسين ڪوسو، احمد خان ڪوسو، ڪامران ڪوسو، الطاف حسين ڪوسو سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي اهلڪارن سعيد احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 18 فيبروري 2024ع

سنڌ ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو شروع ٿيل سلسلو

سنڌ ۾ هڪ طرف ڪچو ڌاڙيلن جي سلطنت بڻيل آهي. جتي ڌاڙيلَ ماڻهن کي ڀُنگ خاطر اغوا ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف ٽارگيٽ ڪلنگ جاري آهي. ٽارگيٽ ڪلر سنڌ جي پروفيشنلز ۽ ساڃاهه وندن کي نشانو بڻائي قتل ڪري رهيا آهن. اهڙي ماحول ۾ هڪ طرف ته "برين ڊرين" جو سلسلو ڪجهه وقت کان هلندڙ آهي. سنڌ جو ٽئلينٽ مايوس ٿي ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهي ۽ جيڪي ماڻهو هيءَ ڌرتي نٿا ڇڏين. انهن کي نشانا چٽي قتل ڪيو پيو وڃي. پروفيسر اجمل ساوند کان وٺي سياسي ڪارڪن ۽ ساڃاهه وند استاد هدايت الله لوهار تائين سڀ انهن جي نشاني تي رهيا آهن. گذريل ڏينهن. نصيرآباد ۾ سماجي ڪارڪن ۽ ساڃاهه وند استاد هدايت الله لوهار کي اسڪول ويندي موٽرسائيڪل سوارن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو ۽ ٽارگيٽ ڪلر فرار ٿي ويا. قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ نصيرآباد باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو ويو.

ڪهڪشائون هجن. ستاره هجن يا گره. هر شيءِ پنهنجو توازن برقرار رکندي ترتيب سان هلي رهي آهي. ترتيب ۽ توازن جو بنياد انهن قانونن، قاعدن ۽ اصولن تي آهي، جيڪا ڪائناتي آهن. انهن قاعدن، نيمن، اصولن ۽ ضابطن کان ٿڙڻ سان ئي فنا جو سفر شروع ٿئي ٿو. اها ڳالهه سماج تي پڻ صادق اچي ٿي. جنهن به سماج ۾ اصولن، قانونن ۽ قاعدن تي عمل نٿو ٿئي ته اهو فنا جي پيچرن تي هلڻ لڳي ٿو. اهو توازن وڃائي ويهي ٿو. توازن ۾ ئي سلامتي آهي. توازن ۾ ئي بقا آهي. سنڌ جو سماج سلامتيءَ جو ڏڳ، محور ۽ مرڪز وڃائي چڪو آهي ۽ اهو فنا جي واٽ تي هلڻ لڳو آهي، جنهن واٽ تي افراتفري آهي، انتشار آهي، ڦيٽاڙو آهي، پيچ ڊاهه آهي. ڪنهن به سماج کي ترتيب ۽ توازن ۾ رکڻ لاءِ قانون جوڙيا ويندا آهن پر جنهن سماج ۾ قانون ويچارو بڻجي وڃي، قانون تي عمل نه ٿئي ته پوءِ ائين ئي ٿيندو آهي، جيئن هن وقت سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته قانون کي به موت وانگر هجڻ گهرجي، جنهن مان ڪنهن کي به نجات حاصل نه هجي. قانون عوام جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. موت جا راڪاس روڊن رستن تي زندگيون ڳڙڪائڻ لاءِ "آدم بوءِ... آدم بوءِ" ڪري رهيا آهن. پر قانون جا هٿ انهن کي پنجوڙ پڄي نه سگهيا آهن. سنڌ ۾ ماڻهن کي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي وئي آهي. هڪ پاسي ڪچي ۾ ڌاڙيلن جو راڄ آهي. جيڪي ماڻهن کي ڀُنگ خاطر اغوا ڪري رهيا آهن. ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ مغوين کي زنجيرن ۾ جڪڙي انهن تي بدترين تشدد ڪري سوشل ميڊيا تي وڊيوز رکيون پيون وڃن ته ٻئي طرف پروفيشنلز کي قتل ڪيو پيو وڃي. سياسي ساڃاهه رکندڙ باشعور ماڻهن جي ٽارگيٽ ڪلنگ ڪئي پئي وڃي. عوام جو تحفظ رياست جي ذميواري آهي ۽ اغوا توڙي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ماڻهن جي قتل ٿيڻ واري عمل مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته رياست عوام جي تحفظ واري ذميواري ڪيئن نڀائي رهي آهي! استاد هدايت الله لوهار سماج جو هڪ متحرڪ ڪردار، سياسي ساڃهه رکندڙ شخص هو. ان کي شهائي سج نشانو بڻائي قتل ڪيو وڃي ٿو پر قاتلن جو پتو نٿو پوي. عام طور تي اهو ته انصاف لاءِ ٻڌندا هئاسين ته انصاف انڌو هوندو آهي پر قانون جو سماعت ۽ بصارت وڃائي آهي؟ ڌاڙيلن ۽ قاتلن کي ڇا سليماني ٽوپيون پاتل آهن. جو اهي نظرن کان اوجهل ٿي وڃن ٿا؟ جڳا گجر جڏهن "جڳا ٽيڪس" جي نالي تي ڀتو وٺندو هو ته اهو به ماڻهن کي موت ۾ تحفظ ڏيندو هو پر ٻئي طرف اسان جي رياست آهي، جنهن جي حالت اها آهي ته عوام ٽيڪس ڏئي ٿو. جنهن مان رياستي گلشن جو ڪاروبار هلي ٿو پر موت ۾ اها عوام کي ڪهڙو تحفظ فراهم ڪري رهي آهي، اهو ٽارگيٽ ڪلنگ جي وڌندڙ واقعن مان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌ جي متحرڪ ڪردار، سماجي ڪارڪن ۽ استاد هدايت لوهار جي ٽارگيٽ ڪِلنگ تي اسان ڏک جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته ٽارگيٽ ڪِلنگ ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ آئنده اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.

ڄامشوري واري ڌرڻي ذريعي ’موڪليل پيغام‘

فيض کوسو

8 فيبروري تي عام چونڊون ٿي ويون. نتيجا به اچي ويا پر چونڊون عوام ۾ قبول پئجي نه سگهيون. ان ڪري چونڊون کٽيندڙ توڙي چونڊون هارائيندڙ سمورين ڌريون پريشان آهن ته ڪيئن هن ملڪ جو گاڏو اڳتي هلي سگهندو؟ چونڊن کانپوءِ خيال اهو پئي ڪيو ويو ته سنڌ ۾ پ پ کي وڏي عوامي موٽ ملي ۽ ان جماعت چونڊن ۾ ميدان ماري ورتو آهي پر پ پ جي ڪاميابيءَ خلاف جنهن انداز سان احتجاج جو سلسلو شروع ٿيو آهي، ان انداز ملڪ سان گڏ سنڌ ۾ به ٿيندڙ چونڊن خلاف انيڪ سوال اٿاري ڇڏيا آهن. ابتدائي ڏينهن ۾ ته رڳو جمعيت علماءِ اسلام ميدان ۾ نڪري چونڊن خلاف احتجاج شروع ڪيو پر هاڻي اهو احتجاج هڪ منظم انداز ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائينس، جنهن کي ’جي ڊي اي‘ چيو وڃي ٿو، تنهن به شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان الائينس ۾ رڳو اتحادي جماعتون نه پر الائينس کان ٻاهر ويٺل جماعتون به شريڪ ٿي ويون آهن، جن ۾ الڳ پليٽ فارم تي چونڊون وڙهندڙ سنڌ ترقي پسند پارٽي (خادمين سنڌ)، جماعت اسلامي ۽ خود پي ٽي آءِ به شامل آهن. گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائينس پنهنجي طاقت جو هڪ ڀرپور مظاهرو ڄامشوري جي پٿريلي زمين تي ڪيو، جتي ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد رڳو ڪجهه ڏينهن اڳ ڏنل سڏ تي پهتو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي پنهنجي قيادت جون ڳالهيون ٻڌيون. هونئن جلسن جي تياري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هفتو يا 15 ڏينهن درڪار هوندا آهن پر جي ڊي اي جي سڏ تي تاريخ جو وڏو احتجاج ڪجهه ڏينهن جي سڏ تي اهڙي ته ڀرپور ۽ منظم انداز سان ٿيو. جو ڏسڻ وارن اهو به چيو ته، "هن عشق جي انداز کي سمجهڻ نه ڏکيو آ". عشق جي انداز کي ان ڪري به سمجهڻ ڏکيو آهي، جو ڄامشوري ٽول پلازه کان ٿورو اڳيان ايم 9 موٽروي تي ڪوٽڙي- ڄامشورو انٽر چينج وٽ لڳل اليڪشن جي نتيجن خلاف ان احتجاجي ڌرڻي ۾ اڪثريت انهن حرن جي هئي، جن پنهنجن پاڳارن جي هڪ ڪَل تي سدائين سر ترين تي رکي جانين جا نذرانا پئي ڏنا آهن. انٽر چينج جي آسپاس زمين انتهائي غيرهموار ۽ پٿريلي هجڻ سان گڏ جهنگلي ٻوٽن ۽ ٻوڙن سان سٽيل نظر آئي پر ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن انهن رڪاوٽن کي به نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ جتي جتي کين جڳهه هٿ پئي آئي، اتي اتي انهن پنهنجا خيما کوڙي پئي ڇڏيا. اهي سڀ ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن هموار زمين تي هڪ هنڌ ترتيب سان گڏ ٿيل هجن ها ته اهو احتجاجي ڌرڻو اليڪشن جا نتيجا ڏيندڙ ڌرين جا جيڪر هانءَ ڦاڙي ڇڏي ها پر ان بي ترتيب زمين تي ويٺل انبوهه به ضرور گهڻن ادارن جو بلڊپريشر ضرور وڌائي ڇڏيو هوندو. اهو عشق جو ئي انداز آهي جو حر جماعت جي ماڻهن پنهنجي پاڳاري جي سڏ کي اهڙي ته ڀرپور موٽ ڏني آهي، جو هڪ ڌرڻي جي سڏ تي گڏ ٿيل ماڻهو ڏسي اڪثر ڌريون حيران ۽ پريشان آهن پر جيڪڏهن ان ئي جماعت جو پاڳارو پنهنجي جماعت سميت جي ڊي اي جي ڪارڪنن کي جيڪڏهن ان کان به ڪو اڳيرو سڏ ڏيندو ته ضرور ڪيس ائين ئي موٽ ملندي. جيئن ڄامشوري واري ڌرڻي کي ڀرپور موٽ ملي آهي.

ڌرڻي ۾ شرڪت لاءِ ماڻهن جا پيادل قافلا به ايندي ڏٺا ويا. ڌرڻي واري هنڌ تي نه کائڻ پيئڻ. نه پچائڻ ۽ نه ئي وري حاجت پوري ڪرڻ جو ڪو جوڳو بندوبست هو پر ان باوجود وڏي انگ ۾ عورتن به هڪ ٻه راتيون ان پٿريلي زمين تي گذاري پنهنجي پاڳاري جي سڏ ۾ سڏ ڏئي اهو ثابت ڪيو ته هو ان کان به وڌيڪ اڻانگين حالتن ۾ به اهو سڏ ورنائي سگهن ٿا ۽ سگهن ٿيون. ڌرڻو جڏهن احتجاجي جلسي ۾ تبديل ٿيو. تڏهن به ماڻهن جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ جهڙو هو. هر طرف "پيچ پاڳارا" جا نعرا بلند ٿي رهيا هئا. ڌرڻي کي خطاب ڪندي ’جي ڊي اي‘ جي جنرل سيڪريٽري، مبينا طور جهرلو اليڪشن جي نتيجن خلاف 20 فيبروري تي موري ۾ اهڙو ساڳيو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو. ان ڌرڻي جي دعوت جي ڊي اي جو حصو بڻيل اڳوٽي وزيراعظم غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي فرزند مرتضيٰ خان جتوئي ڏني، جنهن کي قبول ڪيو ويو. هي احتجاجي ڌرڻو "رياست خلاف چونڊون نامنظور" جي نعري هيٺ هنيو ويو. جلسي ۾ واضح اعلان ڪيو ويو ته. "8 فيبروري تي ٿيل غير منصفاڻيون ۽ غير شفاف چونڊون ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن" ۽ انهن چونڊن جي نتيجي ۾ جڙندڙ حڪومتن کي به قبول نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. مقررن اها ڳالهه واضح ڪئي ته جڏهن به سنڌ اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪري حلف کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، تڏهن ساڳيو ئي جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان اسيمبلي جو گهيراءُ ڪيو ويندو.

احتجاجي ڌرڻي کي جي ڊي اي جي سربراهه ۽ حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري جو خطاب به انتهائي اهميت وارو هو. سندس چوڻ هو ته، "احتجاج اسان جو آئيني حق آهي. اسان ڪنهن اداري خلاف نه پر چونڊن ۾ ڌاڙي خلاف ميدان ۾ نڪتا آهيون. ان ڪري جيستائين انصاف نه ٿيندو. تيستائين اسان مات ڪري نه ويهنداسين". پير پاڳاري ملڪ ۾ ناانصافي جي خلاف ڪجهه مثال به ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهن آڏو پيش ڪيا ۽ چيو ته جنهن ملڪ جي وڏي عدالت 10 سالن کانپوءِ قتل جي ان ڪيس جو فيصلو ڪري، جنهن ۾ الزام هيٺ آيل ماڻهو 3 مهينا اڳ ڦاهي ڪائي وڃن ته اهڙي صورتحال ۾ ٿيل ناانصافي کي ڪيئن برداشت ڪري سگهجي ٿو! پير صاحب پاڳاري اها ڳالهه بار بار واضح ڪئي ته هو فوج جي خلاف ناهن ۽ فوج کان پري ٿيڻ جو سوچي به نٿا سگهن. هن اهو به چيو ته ملڪ ۾ هاڻي ڪو به قومي ليڊر نه رهيو آهي. عزت ۽ انصاف ٻين سميت اسان جو به حق آهي. هن عمران خان جي حق ۾ گهٽ ته نه ڳالهايو پر ايترو ضرور چيو ته انٽرا پارٽي چونڊون ٻين جماعتن به ائين ئي ڪرايون هيون. جيئن عمران خان پي ٽي آءِ جون ڪرايون. پوءِ صرف اليڪشن ڪميشن عمران خان جي خلاف واويلا ڇو مچائي ۽ ان کي سڌي ريت اليڪشن ڇو نه وڙهڻ ڏني؟ هاڻي جيڪا خريد و فروخت ٿي آهي. ان جو ذميوار ڪير آهي؟ پير پاڳاري عمران خان جي دفاع ۾ اهي به دليل ڏنا ته توشا خاني مان تحفا پاڻ وٽ رکڻ لاءِ صرف عمران خان کي ئي چور ڇو قرار ڏنو ويو آهي؟ جڏهن ته ماضي ۾ سمورا ليڊر اهي تحفا حاصل ڪندا رهيا آهن. جيڪڏهن عمران خان چور آهي ته پوءِ اسان سڀ به ساڳيا ئي چور آهيون. پير صاحب پاڳاري پنهنجي خطاب ۾ هڪ ڳالهه جيڪا بنهه واضح ڪئي، اها هئي ته موجوده چونڊن جي نتيجي ۾ جيڪا حڪومت ٺهندي، اها 8 يا 10 مهينا به ڪڍي نه سگهندي. ان ڪري ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان ايندو ۽ مڊل ڪلاس ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن مڊل ڪلاس ختم ٿيو ته ملڪ جو معاشرو به ختم ٿي ويندو. هن اهو به خدشو ڏيکاريو ته چونڊن کانپوءِ پيدا ٿيل صورتحال جي نتيجي ۾ ايمرجنسي يا مارشل لا به لڳي سگهي ٿي. اسان کي چيو ويو ته چونڊن جو بائيڪاٽ ڪريون. جيڪڏهن اسان بائيڪاٽ ڪريون ها ته چونڊن جي چورن کي ڪيئن وائکو ڪري سگهون ها. اڄ اهي چونڊن جا چور ملڪي توڙي عالمي سطح تي وائکا ٿي چڪا آهن. ان ڪري ملڪ ۾ ٺهندڙ حڪومتون به ڪا مڃتا ماڻي نه سگهنديون.

ڏٺو وڃي ته پير صاحب پاڳاري پنهنجي احتجاجي ڌرڻي کي انتهائي مختصر پر بنهه با مقصد خطاب ڪيو. سندس چيل ڳالهيون ڪنهن به وقت تي درست ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري ڌرڻي ۾ جيڪو اهم مطالبو رکيو ويو ته ملڪ ۾ ٻيهر صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن. تنهن کي ضرور مڃتا ملڻ گهرجي. اهو مطالبو اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ڪنڌ تي رکيو ويو آهي. جيڪڏهن ان اداري پنهنجي ڪنڌ تي رکيل اهو مطالبو تسليم نه ڪيو ته سنڌ سميت ملڪ ۾ حالتون وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿيون. جو جي ڊي اي پنهنجي گڏ ڪيل طاقت کي رڳو ڄامشوري واري ڌرڻي تائين محدود نه رکڻ پر ان کي موري وٺي وڃي وڌيڪ طاقت جو مظاهرو ڪرڻ ۽ خود سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن جي حلف واري ڏينهن گهيراءُ جو چتاءُ به ڏئي ڇڏيو آهي. ان ڪري اليڪشن ڪميشن سميت مقتدر ادارن کي سندن ڪلهن تي رکيل "ٻيهر صاف ۽ شفاف چونڊن" وارو بار لاهڻو پوندو نه ته پوءِ نئين ’ڪمپني‘ وڌيڪ جٽاءُ نه ڪري سگهندي.

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهه فنا ٿيا:
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙِه اندر ڪانِي:
حرفُ حَقّانِي، دَوُرُ ڪيائون دل ۾.

پير صاحب ڪنهن کي پڌرو پيو ڪري؟

اشفاق لغاري

8 فيبروري تي ملڪ ۾ ٿيل عام چونڊن جي نتيجن خلاف احتجاجن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان کانپوءِ سنڌ ۾ پير صاحب پاڳاري جي اڳوائي ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) پاران ڄامشوري ۾ اهم موٽروي (ايم- 9) بند ڪري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو آهي. اڄ ڇنڇر جي ڏينهن تحريڪ انصاف پاران سڄي ملڪ ۾ چونڊ نتيجن خلاف احتجاج جو سڏ ڏنل آهي. ڄامشوري ۾ لڳل ڌرڻي ۾ مختلف پارٽين جي قائدين پنهنجو پنهنجو موقف رکيو. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان کان وٺي قومي عوامي تحريڪ جي اياز لطيف پليجي تائين 180 ڊگري تائين هڪٻئي جي خيالن جي مخالف سياستدانن هڪڙي ئي اسٽيج تي ويهي چونڊ نتيجن کي رد ڪيو آهي. ڌرڻي جي گرمي پد ۽ ماحول مان جن کي سنڌ ۾ جمود ٽٽڻ ۽ ڪا وڏي تبديلي اچڻ جون اميدون هيون، انهن جي اميدن ۽ پيدا ٿيل گرمي تي پير صاحب پاڻ ئي پاڻي ڦيري ڇڏيو. شهدادپور سان تعلق رکندڙ پير صاحب جي جماعت جي سائره بانو ۽ جي يو آءِ ايف سنڌ جي سربراهه مولانا راشد محمود سومري ته انقلاب کي ڄامشوري ٽول پلازه تي ڏسي گولين ۽ ڪفن جي خواهش جو به اظهار ڪري ڇڏيو جي ڊي اي ۾ شامل نه ٿيندڙ ۽ خادمين سنڌ جي چونڊ نشان تي ٽنڊي محمد خان مان اليڪشن وڙهندڙ ڊاڪٽر قادر مگسي به مبينا ڌانڌلين خلاف لڳل ڌرڻي ۾ شريڪ ٿي پنهنجون ڳالهيون ڪيون. ڌرڻي ۾ شريڪ عوام مان وڏو تعداد حر جماعت جي عورتن ۽ مردن جو هو جن مان گهڻا پيرين پنڌ رات جوئي ڌرڻي واري هنڌ پهچي چڪا هئا. حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ ڄامشوري ۾ "پيچ پاڳارا" جي نعرن جي گونج رهي. پڙن جو شهر ٻن ڏينهن تائين ساون جهنڊن جي ڇانءَ هيٺ رهيو

جنهن ڏينهن ججن بجاءِ ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن کي چونڊون ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو انهيءَ ڏينهن کان ئي چونڊ عمل تي سوال اٿڻ شروع ٿي چڪا هئا. ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي کان چونڊ نشان کسجڻ ۽ انهن جي اميدوارن سان پنجاب ۾ جيڪو سلوڪ ڪيو ويو انهن اهڃاڻن ملڪ ۾ عام چونڊن جي عمل کي تڪراري بڻائي ڇڏيو هو. پنجاب ۽ خيبر پختونخوا مان جيڪي چونڊ نتيجا آيا آهن انهن ملڪ جي مبصرين، راءِ عامه جوڙيندڙ طبقي کان وٺي پير صاحب پاڳاري جهڙي جمود پسند شخص جي راءِ به تبديل ڪري ڇڏي آهي. توڙي جو تحريڪ انصاف جي قيادت غداري جي ڪيسن کي منهن ڏئي رهي آهي، توشا خانه مان گهڙي چوري ڪرڻ جي ڪيس ۾ سزا يافته آهي پر پير صاحب پاڳاري ڄامشوري ۾ تحريڪ انصاف جي باني جي بچاءَ ۾ دليل ڏنا. پنڊي وارن مان هڪڙو حلقو تحريڪ انصاف جي باني جو نالو ٻڌڻ پسند نٿو ڪري ۽ هڪڙو گروهه هن جي وسيلي ئي ملڪ ۾ تبديلي چاهي ٿو جڏهن ته پير صاحب، خان مخالفن سان ڪجهه رنل رنل ٿو لڳي.

ملڪ جي اندر جيڪي سياسي صف بنديون پنڊي مان ٿينديون آهن، لڳي ائين پيو ته اتي اندر ئي اندر ڪا نئين صف بندي ٿي وئي آهي. پير صاحب چونڊن جي وڪري ٿيڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي، چونڊ نتيجن جي اڳواٽ خريداري جون ڳالهيون به ڪري رهيو آهي پر چونڊون وڪرو ڪنهن ڪيون ۽ ڪيئن ڪيون؟ ان تي محتاط آهي. جي ڊي اي ۾ شامل سياسي جماعتن جا سربراهه چونڊن جي خريد و فروخت جو الزام وڏي واڪي هڻي رهيا آهن. انهن جي راءِ ۽ الزام موجب پاڪستان پيپلز پارٽي کي سنڌ ۾ چونڊ نتيجا وڪرو ڪيا ويا. جن مبينا طور پيپلز پارٽي کي چونڊ نتيجا وڪرو ڪيا، انهن جو سڌو نالو ۽ حوالو ڏيڻ کان به لنوايو پيو وڃي. جي ڊي اي جي سربراهه ۽ پير صاحب جي ڀاءُ صدرالدين شاهه راشدي اڪيلي اشارن ۽ ڪناين ۾ پنهنجي تقرير ۾ نواز شريف تي ٽوڪ ڪئي ته هو بادشاهت جي گهوڙي چڙهڻ آيو هو پر لنڊن مان هتي اچي ڏاڍائين نه مليل گهوڙو منڊو آهي. باقي تقريبن جي ڊي اي ۾ شامل پارٽين جا اڳواڻ پنجاب ۽ پختونخوا ۾ آيل چونڊ نتيجن کي ساراهيندا رهيا.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي دعوا پئي رهي آهي ته پيپلز پارٽي وفاق جي علامت ۽ بينظير شهيد چئني صوبن جي زنجير آهي. ڪالهوڪي ڌرڻي ۾ پير صاحب پاڳاري نئين حقيقت پيش ڪئي ته ملڪ ۾ ڪو به ليڊر وفاق جو ليڊر نه رهيو آهي. سڀ هاڻي صوبن تائين محدود آهن. ٿوري گهڻي فرق سان پير صاحب ملڪي وفاق جي محافظ ۽ علامت فوج کي قرار ڏنو

پير صاحب جي تقرير جو جيڪو متن هو انهيءَ جي ڊي اي مان انقلاب ۽ ڪنهن وڏي تبديلي جي اميد ڪري ويٺلن کي في الحال مايوس ڪري ڇڏيو آهي. توڙي جو مرتضيٰ خان جتوئي 20 فيبروري تي جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان موري ۾ احتجاج جو سڏ ڏئي ڏونهين دکندي رهڻ جي اميد بچائي پر سندس انهيءَ سڏ جي اڃان تائين پير صاحب تائيد نه ڪئي آهي. پير صاحب جي تقرير ۽ لهجي ۾ مبينا طور اليڪشن وڪرو ۽ خريد ڪندڙن خلاف ايتري ڪڙاڻ نه هئي، جنهن جي گهٽڻ جي اميد هئي. پير صاحب جو الزام آهي ته ٽي مهينا پهريائين اليڪشن جو سودو ٿي چڪو هو ۽ وڪرو ڪندڙن جي اڪائونٽن ۾ پئسن جي منتقلي ٿي چڪي هئي. پير صاحب مطابق: "ڪهڙي پارٽي کي ڪيتريون سيٽون ملنديون، اهو به اڳواٽ طئه ٿيل هو. انهيءَ ڪري مون نه ڪنهن چونڊ جلسي ۾ شرڪت ڪئي، نه ئي چونڊن دوران ڪٿي ويس. اسان سڀ ڪجهه ڄاڻندي به چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ چونڊون وڪرو ڪندڙن ۽ خريد ڪندڙن کي پڌرو ڪيو آهي". 8 فيبروري تي ٿيل عام چونڊن کانپوءِ ڪير ڪيترو پڌرو ٿيو آهي ۽ ڪيترو لڪل، اهو هاڻي اڳهاڙو سچ آهي.

بقايا *** 01

احمد ٻگهيو، اين اي 197 تي پ پ جي مير عامر مگسي، اين اي 198 تي پ پ جي خالد احمد خان لنڊ جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. اين اي 199 تي پ پ جي علي گوهر مهر، اين اي 200 تي پ پ جي نعمان اسلام شيخ جي ڪاميابي جو به نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. اين اي 201 تي پ پ جي سيد خورشيد احمد شاهه، اين اي 202 تي پ پ جي نفيسه شاهه جي ڪاميابي جو پڻ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. اين اي 203 تي پ پ جي فضل علي شاهه جيلاني ۽ اين اي 204 تي پ پ جي جاويد علي شاهه جيلاني جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري، اين اي 205 تي پ پ جي اڪبر علي شاهه، اين اي 206 تي پ پ جي ذوالفقار علي ڀهڻ، جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري اين اي 208 تي پ پ جي سيد غلام مصطفيٰ شاهه، اين اي 209 تي پ پ جي شازيه مري، اين اي 2010 تي صلاح الدين جوڻيجو جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. اين اي 211 تي پ پ جي پير آفتاب جيلاني، اين اي 212 تي پ پ جي مير منور علي ٽالپر، اين اي 213 تي پ پ جي نواب يوسف ٽالپر، اين اي 214 تي پ پ جي امير علي شاهه جيلاني جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

بقايا *** 02

وارو آرڊر ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي چيو آهي ته نيب تعصب تي جاچ ڪئي ۽ سياسي مخالفن جي هدايت تي بدنيتي تي ٻڌل ڪوڙو ۽ جعلي ريفرنس داخل ڪيو. فرد جرم به صحيح طريقي سان قانوني گهرجن موجب نه لڳايو ويو. ياد رهي ته احتساب عدالت بشريٰ بي بي کي 14 سال بامشقت ۽ 787 ملين روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي. هوڏانهن بشريٰ بي بي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ عدت دوران نڪاح ڪيس جو فيصلو به چيلينج ڪري ڇڏيو آهي. بشريٰ بي بي سزا خلاف اسلام آباد جي سيشن ڪورٽ سان رابطو ڪندي استدعا ڪئي ته نڪاح ڪيس جو فيصلو غيرقانوني، غير اسلامي، غير شرعي ۽ انصاف جي ابتڙ آهي. ٽرائل ڪورٽ جو 3 فيبروري تي ٻڌايل سزا جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. ياد رهي ته عدالت بشريٰ بي بي کي 7 سال قيد جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا *** 03

آصف زرداري جي صدارت هيٺ پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جو بلوچستان جي نئين چونڊيل اسيمبلي بابت مشاورتي اجلاس زرداري هائوس اسلام آباد ۾ ٿيو ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ بلوچستان جي نون چونڊجي آيل ايم پي ايز ۽ سينيئر قيادت شرڪت ڪئي جڏهن ته اجلاس ۾ بلوچستان ۾ حڪومت سازي لاءِ مختلف آپشنز تي غور ڪيو ويو ذريعن موجب. اجلاس دوران آصف علي زرداري چيو ته بلوچستان ۾ نئون وڏو وزير هر صورت ۾ هڪ جيالو ئي هوندو. ٻئي پاسي ب پ بلوچستان اتحادي حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڳالهين جو اختيار آصف زرداري کي ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا *** 04

ڇڏي. پوليس ذريعن موجب، مريم نواز پوليس جي 4 اسڪواڊ ۽ ٽريفڪ پوليس جو پائليٽ فراهم ڪيو ويو آهي ۽ کيس به بلٽ پروف گاڏيون به ڏنيون ويون آهن. ذريعن موجب، مريم نواز کي آءِ جي پنجاب جي حڪمن تي سيڪيورٽي فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 05

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا چيو ته نگران حڪومت اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مون کي مقرر ڪيو هو. مان اليڪشن صحيح نموني نه ڪرائي سگهيو آهيان، استعيفيٰ ڏيان ٿو ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان ڊيوٽي صحيح نموني نه ڪري سگهيس، قومي اسيمبلي جي 13 تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، هارايل اميدوارن کي کٽرايو ويو هن چيو ته راولپنڊي مان 13 ماڻهن کي کٽرايو ويو، 70، 70 هزار ليڊ وارن کي هارايو ويو منهنجا ماتحت اهو ڪم نه پيا ڪرڻ چاهين، پرزائيڊنگ آفيسر منهنجي سامهون روئي رهيا هئا. لياقت علي چٺا الزام لڳائيندي چيو ته چونڊ ڌانڌلي ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس پاڪستان به ملوث آهن. مون سميت انهن کي به استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. لياقت علي چٺا چيو ته مون کي راولپنڊي جي ڪچهري چوڪ تي موت جي سزا ڏني وڃي، مون سان اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين کي به سزائون ڏنيون وڃن. ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان نٿو چاهيان ته 1971 جو واقعو ٻيهر ٿئي. فجر ويل مون آپگهات جي ڪوشش به ڪئي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن، ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن لياقت علي چٺا جي اليڪشن ۾ ڌانڌلي جي سختي سان ترديد ڪري ڇڏي. ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي اليڪشن ڪميشن جي ترجمان سمورن الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر يا اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به عهديدار چونڊ نتيجن جي تبديلي لاءِ ڪمشنر راولپنڊي کي ڪي به هدايتون جاري ناهن ڪيون. ترجمان موجب، ڪنهن به ڊويزن جو ڪمشنر، ڊي آر او، آر او يا پريزائيڊنگ آفيسر ناهي هوندو. نه ئي ڪمشنر جو اليڪشن ڪميشن جي ڪنڊيڪٽ ۾ ڪو سڌي ريت ڪردار هوندو آهي. اليڪشن ڪميشن ان معاملي جي جلد کان جلد انڪوائري ڪرائيندو.

بقايا *** 06

ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته الزام ته ڪير به لڳائي سگهي ٿو، الزام لڳائڻ اوهان جو حق آهي ته ثبوت به پيش ڪيو. چيف جسٽس جو چوڻ هو سڀائي پلي چوري، قتل جو الزام به لڳايو پر جيڪڏهن الزامن ۾ سچائي آهي ته ثبوت به پيش ڪيو. هڪ سوال جي جواب ۾ چيف جسٽس چيو ته مون تي الزام لڳي رهيا آهن اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. اليڪشن سان منهنجو ڪو واسطو ناهي. منهنجو ڪردار هڪ حد تائين اليڪشن ڪرائڻ ۾ آهي. واضح رهي ته ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته نگران حڪومت اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مون کي مقرر ڪيو هو. مان اليڪشن صحيح نموني نه ڪرائي سگهيو آهيان. استعيفيٰ ڏيان ٿو

بقايا *** 07

راولپنڊي لياقت علي چٺا جي گرفتاري جي ترديد ڪري ڇڏي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ راولپنڊي پوليس، ڪمشنر راولپنڊي جي گرفتاري بابت هلندڙ خبرن جي ترديد ڪندي چيو ته لياقت علي چٺا کي گرفتار ناهي ڪيو ويو

بقايا *** 08

چوڻ هو ته ڪمشنر پنهنجي بيان ۾ چيو ته مان سمنڊ پار پاڪستانين ۽ سوشل ميڊيا جي دٻاءُ ۾ هئس. هن تمام وڏا الزام لڳايا آهن جنهن جي

فوري طور جاچ ٿيڻ گهرجي، شيري رحمان چيو ته ڪمشنر راولپنڊي کي پنهنجي الزامن جا ثبوت به ڏيڻ گهرجن. لياقت علي چٺا چيف جسٽس تي به الزام مڙهيا آهن جيڪي سمجهه کان ٻاهر آهن. ٻئي پاسي ب ب اڳواڻ فيصل ڪريم ڪندي به ڪمشنر راولپنڊي جي انڪشافن تي فوري جاچ جو مطالبو ڪندي چيو ته ڪمشنر راولپنڊي چرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن. پيپلز پارٽي کي به اليڪشن تي خدشا آهن.

بقايا *** 09

۾ شامل ٿيڻ نه پيو ڏنو وڃي. آزاد اميدوارن جو ڪنهن به پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو آخري ڏينهن آهي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ جي حمايت يافته پي ايس 88 تان چونڊيل ايم پي اي پ پ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي هڪ رڪن جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ٿيو

بقايا *** 10

. هن چيو ته مون پهريان ئي چيو هو ته حالتون بهتر ٿيڻ کانپوءِ چونڊون ڪرايون وڃن. منهنجي ڳالهه صحيح ثابت ٿي ۽ سيني ڏسي ورتو ته ڇا ٿيو آهي ۽ ڇا ٿيندو. سندس چوڻ هو ته اهڙي ريت اوهان معاملا ٺيڪ ٿا ڪري سگهو اڄ ڪو به اقتدار جو حقدار نه آهي. مسئلو ملڪ جو آهي ۽ سيني کي ملڪ جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي. اڳوٽي وزيراعظم چيو ته هي هڪ ناڪام اليڪشن آهي. هر ماڻهو اقتدار جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ته مون کي اقتدار ملي. جيڪو جيترو ڪمپرومائز ڪندو اهو حڪومت ناهي وٺندو

بقايا *** 11

موجوده قومي اسيمبلي ۾ ڪنهن کي به اڪثريت حاصل نه آهي. وفاقي حڪومت جي جوڙجڪ مسلم ليگ(ن) جي نه پر پارليامينٽ ۾ موجود سمورين پارٽين جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ حمايت يافته آزاد ميمبر اڳرائي ڪن پيپلز پارٽي سان ملي مرڪزي حڪومت ٺاهين اسان کين مبارڪباد پيش ڪنداسين. مسلم ليگ(ن) کي ڪنڊن جو تاج پنهنجي مٿي تي سجائڻ جو ڪو به شوق نه آهي.

بقايا *** 12

) تي بيان ڏنو آهي ته خدا ڪري مسلم ليگ(ن) اهو فيصلو ڪري وٺي ته جنهن کي مرڪز ۾ اڪثريت ڏياري وڃي انهي پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو وڃي. اهڙي فيصلي سان ملڪ ۾ انتشار پيدا ڪرڻ جي منصوبه بندي ناڪام ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته جنهن ڏينهن اهو فيصلو ڪيو ويو انهي جي ٻئي ڏينهن ٻڌائيندس ته ڌانڌلي ڪنهن جي لاءِ ڪئي وئي ۽ 8 فيبروري جو ماسٽر مائينڊ ڪير هو

بقايا *** 13

هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ جي مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جي استعيفيٰ تي غور ڪيو ويو. مرڪزي مجلس شوري گڏيل طور تي استعيفيٰ کي رد ڪندي سراج الحق تي ڀروسي جو اظهار ڪيو. هاڻ سراج الحق دستور موجب پنهنجون ذميواريون جاري رکندو. شوري چيو آهي ته چونڊن ۾ ناڪامي جماعت اسلامي جي امير جي ڪري نه پر ڌانڌلي جي ڪري ٿيون آهن. چونڊن جي نتيجن کي رد ڪريون ٿا. چيف اليڪشن ڪميشن فوري طور تي استعيفيٰ ڏئي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چونڊن ۾ گهربل ڪاميابي نه ملڻ تي امير جي عهدي تان استعيفيٰ ڏنو هو جماعت اسلامي جي امير سراج الحق ناڪامي جي ذميواري قبول ڪئي هئي ۽ پنهنجي استعيفيٰ ۾ ڪارڪنن جي محنت کي قابل تحسين قرار ڏنو هو

بقايا *** 14

چوڻ هو ته پولنگ جي ڏينهن ۽ ڳڻپ وقت جي ڊي اي وارا موجود نه هئا. ٻن ڏينهن بعد ڌانڌلي جا الزام هڻڻ سمجهه ۾ نه ٿا اچن. هن چيو ته جي ڊي اي کي سنڌ جي عوام رد ڪري ڇڏيو آهي. جي ڊي اي وارن جيڪي به سيٽون کٽيون آهن. هو پڪ سان چوي ٿي ته اهي به هنن ڌانڌلي ڪري کٽيون آهن. سندس چوڻ هو ته هڪ سال اڳ مڪاني چونڊن ۾ جي ڊي اي کي سڄي سنڌ ۾ شڪست ملي هئي پر ان تي جي ڊي اي وارن احتجاج نه ڪيو. مڪاني چونڊن ۾ جي ڊي اي کي پولنگ ايجنٽ نه ملي رهيا هئا. پ پ اڳواڻ شازيا مري جو چوڻ ته مولانا فضل الرحمان ۽ پي ٽي آءِ وارا عوام کي بيوقوف بڻائي رهيا آهن. مولانا کي ڪي پي ۾ شڪست ملي آهي. اتي ڇو ڌرڻو نه هڻي رهيو آهي. سنڌ ۾ ڇو ڌرڻا هڻي عوام کي پريشان ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ملڪ جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ سيني کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ڌرڻن سان ڪجهه به نه ٿيندو

بقايا *** 15

ڪميٽي ڏانهن آماڻي ڇڏي. هن پارٽي جي چيئرمين شپ ۽ ميمبرشپ ٻنهي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. پرويز خٽڪ استعيفيٰ ۾ ڄاڻايو آهي ته صحت جي مسئلن سبب پارٽي لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا نٿو ڪري سگهان. انڪري استعيفيٰ ڏئي رهيو آهيان. پي ٽي آءِ پارليامينٽرين جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي پرويز خٽڪ جي استعيفيٰ منظور ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 16

فيبروري تي طوفاني برسات ۽ برفباري جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. پي ڊي ايم اي ترجمان ٻڌايو ته مري، گليات ۽ ڀرپاسي ۾ ڇنڇر ۽ آچر تي برفباري جا 70 سيڪڙو جڏهن ته سومر جي ڏينهن برسات ۽ برفباري جا 75 سيڪڙو امڪان آهن پي ڊي ايم اي جي ترجمان چيو آهي ته مري ۾ اڄ کان 22 فيبروري تائين موسم جي صورتحال غيريقيني رهندي جنهن لاءِ مري انتظاميه سموري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. خراب موسم سبب پي ڊي ايم اي جي ترجمان ٻڌايو ته مري ويندڙ سياحن کي سفر دوران احتياط ڪرڻ جي هدايت به ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته موسميات کاتي طرفان اڳڪٿي ڪئي وئي هئي ته مغربي هوائن جو سلسلو 17 فيبروري جي رات کان ملڪ جي مغربي علائقن ۾ داخل ٿيندو جنهن سبب 17 کان 21 فيبروري جي دوران ملڪ جي مٿاهين علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي ٻڌايو هو ته 17 کان 21 فيبروري جي دوران ڪشمير، گلگت بلتستان ۾ برسات جڏهن ته جابلو علائقن تي برفباري جو امڪان آهي. 17 کان 21 فيبروري تي اسلام آباد، پنجاب، مري، گليات ۾ برسات جڏهن ته 18 کان 19 فيبروري تي ملتان، ڀکر، راجن پور ۽ ڊي جي خان ۾ برسات پوڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 17

جي ڪور ڪميٽي اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب سامهون احتجاج جي اجازت طلب ڪئي هئي جنهن کي ضلعي انتظاميه رد ڪري ڇڏيو آهي. انتظاميه پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته اسلام آباد ۾ قلم 144 لاڳو آهي. ڪنهن به احتجاج يا ريلي جي اجازت نٿا ڏئي سگهون. اسلام آباد ڪيپيٽل پوليس جي ترجمان موجب پي ٽي آءِ طرفان احتجاج جي باري ۾ ڪا به درخواست نه ملي آهي. اسلام آباد ۾ ڪنهن به قسم جي ريلي ڪڍڻ جي اجازت نه آهي پوليس ترجمان وڌيڪ چيو ته روڊ بند ڪرڻ ۽ غير قانوني اجتماع جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. امڪاني احتجاج کي نظر ۾ رکندي پوليس جي وڏي نفري به طلب ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 18

برساتن جو نئون سلسلو شروع ٿي ويندو. جيڪو 21 فيبروري تائين جاري رهندو. ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌو ۽ خشڪ رهندو. گلگت بلتستان، مٿاهين خيبرپختونخواهه، ڪشمير ۽ ان سان لاڳاپيل جابلو علائقن ۾ موسم جهڙالي رهندي جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي. گذريل ڏينهن ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهي، جڏهن ته اترين ضلعن ۾ ٿڌ وڌيڪ هئي سري نگر، هنزا ۾ گرمي پد ڪاٽو 2 ڊگري رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 19

فورم جي امرسنڌو سميت ڪالوني جي مختلف ڪميونٽي جي عورتن شرڪت ڪئي. عورتن جي ان گڏجاڻي ۾ امر سنڌو پاران عورت جي مقصد ۽ مطالبن تي تفصيل سان ڪچهري ڪندي چيو ويو ته 8 ائين مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي جنهن کي دنيا جون سڀ عورتون ملهائينديون آهن. پر سنڌ ۾ عورتن جي اڪثريت اڄ به گهرو تشدد جو شڪار آهي. عورتون کاڌ خوراڪ، تعليم توڙي صحت جي حوالي سان انتهائي پوئتي آهن. پدرشاهي سماج جي اثر هيٺ عورتون پنهنجي پاڻ کي غير اهم سمجهندي پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ بجاءِ روايتي طور تي عورت دشمن رسمن ۽ رواجن جو شاڪر آهن جنهن ۾ کين تعليم کان روڪيو وڃي. عورتن جي نوڪري ڪرڻ کي عيب سمجهيو وڃي ٿو. ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪئي وڃي ٿي. عورتن جي ترقي لاءِ ذهني سجاڳي ضروري آهي جنهن لاءِ تعليم انتهائي ضروري آهي. عورت مارچ عورتن جي حقن جي ڏس ۾ عورتن جي مطالبن تي ٻڌل عورتن جي ٻڌي جو اظهار آهي. مايا اوڏ پڻ تعليم ۽ ذهني سجاڳي جي حوالي سان عورتن کي متحرڪ ٿيڻ جو سڏ ڏنو. ڪچهري ۾ عورتن پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي حوالي سان درپيش مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. عورتن اها خواهش ڏيکاري ته کين ڌيئن جي تعليم ۽ کين خودمختيار ڏسڻ جي خواهش

آهي پر هورواجي رسمن ۾ جڪڙيل هجڻ جي ڪري پنهنجي ڌيئرن کي تعليم جي زيور کان محروم رکڻ تي مجبور آهن. امرسنڌو کين ٻڌايو ته عورتن جي پاڻ ۾ رابطو ڪرڻ. تنظيم ڪاري سان انهن فرسوده رسمن خلاف جنگ جوڙڻ ضروري آهي. هن کين عورت مارچ ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني.

بقايا *** 20

جي گورنر جو شاندار استقبال ڪيو سنڌ جي گورنر کي سيکاريل ڪورسن جي تفصيلن کان آگاهه ڪيو ويو دل سان پڙهو ته جيئن آءِ ٽي جي شعبي ۾ ڪامياب پروفيشنلز بڻجي سگهو. گورنر سنڌ پاران شاگردن کي نصيحت گورنر سنڌ چيو ته انهن ڪورسز جو مقصد توهان جي مستقبل کي بهتر ۽ روشن بڻائڻ آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته هر ڪلاس ۾ شاگردن جو برابر تعداد خوش آئند آهي مارڪي ۾ موجود شاگردن جو چوڻ هو ته اها گورنر سنڌ جي مهرباني اسان کي سڄي ڄمار ياد رهندي. شاگردن چيو ته عوامي گورنر جو لقب توهان تي لهي ٿو. ڇاڪاڻ ته توهان عوام لاءِ سوچيو. شاگرد هنن چيو ته گورنر هائوس کي مني يونيورسٽي بڻائڻ اوهان جي وڏي ڪاميابي آهي. شاگردن چيو ته اسان جا والدين به اوهان لاءِ دعاگو آهن.

بقايا *** 21

ڪندي سامون اينڊ مزدا ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي. خوفناڪ حادثي سبب گاڏي جو اڳيون حصو مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو جڏهن ته مزدا جو اڳيون حصو گهڻو متاثر ٿيو. مزدا ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار هڪ ئي ڪٽنب جا 6 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته 3 عورتون سخت زخمي ٿي پيون. فوتين ۾ هڪ عورت، ٻه مرد ۽ ٽي ٻار شامل آهن. جڏهن ته زخمي عورتن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي کانپوءِ پوليس به واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي.

بقايا *** 22

ن ليگ اڳواڻ حنيف عباسي چيو ته ڪمشنر جي الزامن جو مقصد راولپنڊي ۾ ن ليگ جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻڻ آهي. هن چيو ته ڪمشنر ڪنهن به تڪ جو ريٽرننگ آفيسر ناهي. سندس ضمير ايترو جلدي جاڳي پيو ۽ ڇو جاڳيو مان ته حيران آهيان. سازش تحت چيف جسٽس ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر تي الزام مڙهيو ويو. منهنجي ڄاڻ موجب شايد لياقت علي چٺا جي خاندان جي فيملي ۾ ڪجهه مسئلا هلي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته فيصلي عدالتن ۾ ٿيندا. فورمز موجود آهن. اسان وٽ سمورا فارم 45، 47، 48 ۽ 49 موجود آهن. سڄو معاملو پاڪستان کي عدم استحڪام ڏانهن ڌڪڻ جي عالمي سازش جو حصو آهي.

بقايا *** 23

ئي رخ ۾ هلون ها ته ملڪ جي اها حالت نه هجي ها. هي عورتون گهريلو عورتون آهن جيڪي گهرن ۾ سامان ٺاهينديون آهن. انهن کي ان ڪم لاءِ تمام گهٽ پئسا ملندا آهن اطلاعات کاتي واري نگران صوبائي وزير چيو ته اسان کي ڪميونٽي سينٽرز جي تصور کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. هاڻي ته عورتون جهاز هلائڻ کان وٺي سڀ ڪم ڪن ٿيون. اهڙين ڏکين حالتن ۾ به هن اداري کي هلائي رهيا آهن اهو ساراهه جوڳو عمل آهي. محمد احمد شاهه چيو ته مان سمجهان ٿو ته توهان وٽ جديد مشينري هجڻ گهرجي، هن ڪميونٽي سينٽر کي جديد مرڪز بڻايو وڃي. هن چيو ته اسين ڪوشش ڪنداسين ته هن سينٽر جيڪي مدد گهربل هوندي اسين ڪنداسين. توهان سڀ عورتون معاشري جي قابل احترام آهيو.

بقايا *** 24

اورنگزيب جو چوڻ هو ته جعلي فارم 45 کانپوءِ پيش آهي يورپي يونين جي جعلي پريس رليز. جعلي پرس رليز تي يورپي يونين کي پاڻ ترديد ڪرڻي پئي. مريم اورنگزيب چيو ته يورپي يونين ۽ دنيا کي خبر پئجي وئي هوندي ته هي ڪيترا وڏا ڪوڙا ۽ ٺڳ آهن. برطانوي اداري کي به پي ٽي آءِ جي ڪوڙ تي ترديدي بيان جاري ڪرڻو پيو هو ڪوڙن الزامن تي چين کي به ترديد ڪرڻي پئي هئي. عالمي ٺڳ ۽ ڪوڙو پاڪستان ۽ ادارن لاءِ فتنو آهي سندس چوڻ هو ته 9 مئي سميت هر موقعي تي پاڪستان ۽ ادارن تي حملا ڪندو رهيو. سندس جمهوري ۽ سياسي ساک جي حالت اها آهي جو ڪا پارٽي ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ تيار ناهي.

بقايا *** 25

تي چڪاس شروع ڪري ڇڏي آهي. ٻهرين مرحلي ۾ پوري شهر جي سئو کان وڌيڪ دڪانن تان کير ۽ چانهه جي پتي جا نمونا گڏ ڪيا ويا.

اهي معائنا ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي نگراني ۾ ڪيا ويا آهن دڪانن مان حاصل ڪيل نمونا ڪراچي يونيورسٽي جي ليبارٽري اماڻيا ويا آهن انهن نمونن جي بائيولاجيڪل ٽيسٽ ڪئي ويندي ته جيئن حقيقتون معلوم ڪري سگهجن. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو ته رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي ان ڪري اسان رمضان المبارڪ ۾ ملاوٽ کان پاڪ کير ۽ چانهه جي وڪرو کي يقيني بڻائينداسين. کير ۽ چانهه جي پتي جا نمونا شهر جي وڏن دڪانن تان حاصل ڪيا ويا آهن. آغا فخر حسين وڌيڪ چيو ته ملاوٽ ٿيل کاڌي پيتي جي شين کي وڪرو ٿيڻ نه ڏنو ويندو. ملاوٽ ٿيل کاڌي پيتي جي شين جي وڪرو ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 26

رهبر هو. رانا ثناءالله چيو ته مسلم ليگ(ن) جي 12 صوبائي ۽ 6 قومي سيٽن طرف بعد ۾ وڃو پهريان لياقت علي جي ذهني صحت جو علاج ٿيڻ گهرجي جيڪڏهن لياقت علي جي ذهني حالت صحيح آهي ته ان کي گواهه جي طور تي پيش ڪيو وڃي. مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته لياقت علي چٺه ڌانڌلي جا الزام لڳايا آهن انهن جي هر صورت ۾ جاچ ٿيڻ گهرجي. ياد رهي ته راولپنڊي جي ڪمشنر 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ راولپنڊي ڊويزن ۾ ڌانڌلي جي ذميواري قبول ڪندي استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ ئي پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪرڻ جو به اعلان ڪيو آهي.

بقايا *** 27

ويو. هي اسٽيٽ آف آرٽ وينٽي ليٽر پاڪستان جي نجي ۽ سرڪاري شعبي جي اسپتالن ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون آهي هي جديد ترين وينٽي ليٽر سوئٽزرلينڊ مان امپورٽ ڪيو ويو آهي. جنهن جي قيمت هڪ ڪروڙ رپيا آهي. هن وينٽي ليٽر جي فراهمي اسپتال جي ڊائريڪٽر پروفيسر جمال رضا پاران درخواست ڪئي وئي وينٽي ليٽر پيدا ٿيندڙ ٻارن جي بند ڦڦڙن کي کولڻ لاءِ تمام فائدمند آهي.

بقايا *** 28

کان سنڌ وڃي رهي هئي ته ان جي هڪ مسافر ٽرين مان لهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو مقتول جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي پر پوليس موجب سندس واسطو پنجاب سان آهي. ڏهرڪي ريلوي اسٽيشن پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش سول اسپتال پهچايو. جتان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو

بقايا *** 29

ايڊيشن جي رنگا رنگ افتتاحي تقريب ۾ فنڪارن جي شاندار پرفارمنس چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. لاهور جي قذافي اسٽيڊيم ۾ پاڪستان سپرليگ جي نائين ايڊيشن جي افتتاحي تقريب لاءِ سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا هئا. تقريب ۾ راڳي علي ظفر، آئما بيگ، تتاشا بيگ ۽ عارف لوهار سميت ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي شاندار آتشبازي ۽ ليزر شو جو مظاهرو ڪيو ويو.

بقايا *** 30

فورم جي امرسنڌو سميت ڪالوني جي مختلف ڪميونٽي جي عورتن شرڪت ڪئي. عورتن جي ان گڏجاڻي ۾ امر سنڌو پاران عورت جي مقصد ۽ مطالبن تي تفصيل سان ڪچهري ڪندي چيو ويو ته 8 ائين مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي جنهن کي دنيا جون سڀ عورتون ملهائينديون آهن. پر سنڌ ۾ عورتن جي اڪثريت اڄ به گهرو تشدد جو شڪار آهي. عورتون کاڌ خوراڪ، تعليم توڙي صحت جي حوالي سان انتهائي پوئتي آهن. پدرشاهي سماج جي اثر هيٺ عورتون پنهنجي پاڻ کي غير اهم سمجهندي پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ بجاءِ روايتي طور تي عورت دشمن رسمن ۽ رواجن جو شاڪر آهن جنهن ۾ کين تعليم کان روڪيو وڃي. عورتن جي نوڪري ڪرڻ کي عيب سمجهيو وڃي ٿو. ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪئي وڃي ٿي. عورتن جي ترقي لاءِ ذهني سجاڳي ضروري آهي جنهن لاءِ تعليم انتهائي ضروري آهي. عورت مارچ عورتن جي حقن جي ڏس ۾ عورتن جي مطالبن تي ٻڌل عورتن جي ٻڌي جو اظهار آهي. مايا اوڏ پڻ تعليم ۽ ذهني سجاڳي جي حوالي سان عورتن کي متحرڪ ٿيڻ جو سڏ ڏنو. ڪچهري ۾ عورتن پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي حوالي سان درپيش مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. عورتن اها خواهش ڏيکاري ته کين ڌيئن جي تعليم ۽ کين خودمختيار ڏسڻ جي خواهش آهي پر هورواجي رسمن ۾ جڪڙيل هجڻ جي

ڪري پنهنجي ڌيئرن کي تعليم جي زيور کان محروم رکڻ تي مجبور آهن. امرسنڌو کين ٻڌايو ته عورتن جي پاڻ ۾ رابطو ڪرڻ. تنظيم ڪاري سان انهن فرسوده رسمن خلاف جنگ جوڙڻ ضروري آهي. هن کين عورت مارچ ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني.

بقايا *** 31

فورم جي امرسنڌو سميت ڪالوني جي مختلف ڪميونٽي جي عورتن شرڪت ڪئي. عورتن جي ان گڏجاڻي ۾ امر سنڌو پاران عورت جي مقصد ۽ مطالبن تي تفصيل سان ڪچهري ڪندي چيو ويو ته 8 ائين مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي جنهن کي دنيا جون سڀ عورتون ملهائينديون آهن. پر سنڌ ۾ عورتن جي اڪثريت اڄ به گهرو تشدد جو شڪار آهي. عورتون کاڌ خوراڪ، تعليم توڙي صحت جي حوالي سان انتهائي پوئتي آهن. پدرشاهي سماج جي اثر هيٺ عورتون پنهنجي پاڻ کي غير اهم سمجهندي پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ بجاءِ روايتي طور تي عورت دشمن رسمن ۽ رواجن جو شاڪر آهن جنهن ۾ کين تعليم کان روڪيو وڃي. عورتن جي نوڪري ڪرڻ کي عيب سمجهيو وڃي ٿو. ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪئي وڃي ٿي. عورتن جي ترقي لاءِ ذهني سجاڳي ضروري آهي جنهن لاءِ تعليم انتهائي ضروري آهي. عورت مارچ عورتن جي حقن جي ڏس ۾ عورتن جي مطالبن تي ٻڌل عورتن جي ٻڌي جو اظهار آهي. مايا اوڏ پڻ تعليم ۽ ذهني سجاڳي جي حوالي سان عورتن کي متحرڪ ٿيڻ جو سڏ ڏنو. ڪچهري ۾ عورتن پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي حوالي سان درپيش مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. عورتن اها خواهش ڏيکاري ته کين ڌيئن جي تعليم ۽ کين خودمختيار ڏسڻ جي خواهش آهي پر هورواجي رسمن ۾ جڪڙيل هجڻ جي ڪري پنهنجي ڌيئرن کي تعليم جي زيور کان محروم رکڻ تي مجبور آهن. امرسنڌو کين ٻڌايو ته عورتن جي پاڻ ۾ رابطو ڪرڻ. تنظيم ڪاري سان انهن فرسوده رسمن خلاف جنگ جوڙڻ ضروري آهي. هن کين عورت مارچ ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني.

بقايا *** 32

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا چيو ته نگران حڪومت اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مون کي مقرر ڪيو هو. مان اليڪشن صحيح نموني نه ڪرائي سگهيو آهيان، استعيفيٰ ڏيان ٿو ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان ڊيوٽي صحيح نموني نه ڪري سگهيس، قومي اسيمبلي جي 13 تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، هارايل اميدوارن کي کٽرايو ويو هن چيو ته راولپنڊي مان 13 ماڻهن کي کٽرايو ويو، 70، 70 هزار ليڊ وارن کي هارايو ويو منهنجا ماتحت اهو ڪم نه پيا ڪرڻ چاهين، پرزائيڊنگ آفيسر منهنجي سامهون روئي رهيا هئا. لياقت علي چٺا الزام لڳائيندي چيو ته چونڊ ڌانڌلي ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس پاڪستان به ملوث آهن. مون سميت انهن کي به استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. لياقت علي چٺا چيو ته مون کي راولپنڊي جي ڪچهري چوڪ تي موت جي سزا ڏني وڃي، مون سان اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين کي به سزائون ڏنيون وڃن. ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان نٿو چاهيان ته 1971 جو واقعو ٻيهر ٿئي. فجر ويل مون آپگهات جي ڪوشش به ڪئي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن، ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن لياقت علي چٺا جي اليڪشن ۾ ڌانڌلي جي سختي سان ترديد ڪري ڇڏي. ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي اليڪشن ڪميشن جي ترجمان سمورن الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر يا اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به عهديدار چونڊ نتيجن جي تبديلي لاءِ ڪمشنر راولپنڊي کي ڪي به هدايتون جاري ناهن ڪيون. ترجمان موجب، ڪنهن به ڊويزن جو ڪمشنر، ڊي آر او، آر او يا پريزائيڊنگ آفيسر ناهي هوندو. نه ئي ڪمشنر جو اليڪشن ڪميشن جي ڪنڊيڪٽ ۾ ڪو سڌي ريت ڪردار هوندو آهي. اليڪشن ڪميشن ان معاملي جي جلد کان جلد انڪوائري ڪرائيندو.

بقايا *** 33

هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ جي مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جي استعيفيٰ تي غور ڪيو ويو مرڪزي مجلس شوري گڏيل طور تي استعيفيٰ کي رد ڪندي سراج الحق تي ڀروسي جو اظهار ڪيو. هاڻ سراج الحق دستور موجب پنهنجون ذميواريون جاري رکندو. شوريٰ چيو آهي ته چونڊن ۾ ناڪامي

جماعت اسلامي جي امير جي ڪري نه پر ڌانڌلي جي ڪري ٿيون آهن. چونڊن جي نتيجن کي رد ڪريون ٿا. چيف اليڪشن ڪميشن فوري طور تي استعيفيٰ ڏئي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چونڊن ۾ گهربل ڪاميابي نه ملڻ تي امير جي عهدي تان استعيفيٰ ڏنو هو. جماعت اسلامي جي امير سراج الحق ناڪامي جي ذميواري قبول ڪئي هئي ۽ پنهنجي استعيفيٰ ۾ ڪارڪنن جي محنت کي قابل تحسين قرار ڏنو هو

بقايا *** 34

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا چيو ته نگران حڪومت اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مون کي مقرر ڪيو هو. مان اليڪشن صحيح نموني نه ڪرائي سگهيو آهيان، استعيفيٰ ڏيان ٿو ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان ڊيوٽي صحيح نموني نه ڪري سگهيس، قومي اسيمبلي جي 13 تڪن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، هارايل اميدوارن کي کٽرايو ويو هن چيو ته راولپنڊي مان 13 ماڻهن کي کٽرايو ويو، 70، 70 هزار ليڊ وارن کي هارايو ويو منهنجا ماتحت اهو ڪم نه پيا ڪرڻ چاهين، پرزائيڊنگ آفيسر منهنجي سامهون روئي رهيا هئا. لياقت علي چٺا الزام لڳائيندي چيو ته چونڊ ڌانڌلي ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ چيف جسٽس پاڪستان به ملوث آهن. مون سميت انهن کي به استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. لياقت علي چٺا چيو ته مون کي راولپنڊي جي ڪچهري چوڪ تي موت جي سزا ڏني وڃي، مون سان اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻين کي به سزائون ڏنيون وڃن. ڪمشنر راولپنڊي چيو ته مان نٿو چاهيان ته 1971 جو واقعو ٻيهر ٿئي. فجر ويل مون آپگهات جي ڪوشش به ڪئي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن، ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن لياقت علي چٺا جي اليڪشن ۾ ڌانڌلي جي سختي سان ترديد ڪري ڇڏي. ڪمشنر راولپنڊي ڊويزن جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي اليڪشن ڪميشن جي ترجمان سمورن الزامن جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر يا اليڪشن ڪميشن جي ڪنهن به عهديدار چونڊ نتيجن جي تبديلي لاءِ ڪمشنر راولپنڊي کي ڪي به هدايتون جاري ناهن ڪيون. ترجمان موجب، ڪنهن به ڊويزن جو ڪمشنر، ڊي آر او، آر او يا پريزائيڊنگ آفيسر ناهي هوندو. نه ئي ڪمشنر جو اليڪشن ڪميشن جي ڪنڊيڪٽ ۾ ڪو سڌي ريت ڪردار هوندو آهي. اليڪشن ڪميشن ان معاملي جي جلد کان جلد انڪوائري ڪرائيندو.

بقايا *** 35

هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سڄي ملڪ جي مرڪزي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق جي استعيفيٰ تي غور ڪيو ويو مرڪزي مجلس شوري گڏيل طور تي استعيفيٰ کي رد ڪندي سراج الحق تي ڀروسي جو اظهار ڪيو. هاڻ سراج الحق دستور موجب پنهنجون ذميواريون جاري رکندو. شوريٰ چيو آهي ته چونڊن ۾ ناڪامي جماعت اسلامي جي امير جي ڪري نه پر ڌانڌلي جي ڪري ٿيون آهن. چونڊن جي نتيجن کي رد ڪريون ٿا. چيف اليڪشن ڪميشن فوري طور تي استعيفيٰ ڏئي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چونڊن ۾ گهربل ڪاميابي نه ملڻ تي امير جي عهدي تان استعيفيٰ ڏنو هو. جماعت اسلامي جي امير سراج الحق ناڪامي جي ذميواري قبول ڪئي هئي ۽ پنهنجي استعيفيٰ ۾ ڪارڪنن جي محنت کي قابل تحسين قرار ڏنو هو

بقايا *** 36

احمد ٻگهيو، اين اي 197 تي پ پ جي مير عامر مگسي، اين اي 198 تي پ پ جي خالد احمد خان لنڊ جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو اين اي 199 تي پ پ جي علي گوهر مهر، اين اي 200 تي پ پ جي نعمان اسلام شيخ جي ڪاميابي جو به نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو اين اي 201 تي پ پ جي سيد خورشيد احمد شاهه، اين اي 202 تي پ پ جي نفيسه شاهه جي ڪاميابي جو پڻ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو اين اي 203 تي پ پ جي فضل علي شاهه جيلاني ۽ اين اي 204 تي پ پ جي جاويد علي شاهه، اين اي 209 تي پ پ جي شازيه مري، اين اي 2010 تي صلاح الدين جوڻيجو جي ڪاميجو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو اين اي 211 پ جي مير منور علي ٽالپر، اين اي 213 تي پ پ جي نواب يوسف ٽالپر، اين اي 214 تي پ پ جي امير علي شاهه جيلاني جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 01

جي ال ابراهيم اسپتال جي تعاون سان دعا هاسپيٽل دڙو ۾ هڪ روزاکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ اکين جي ماهر ڊاڪٽر حزب ميمڻ ۽ سرجن ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ جديد مشينن سان سوين مريضن جو مفت علاج ڪري ڪين دوائون ۽ چشما ڏنا ويا. ان موقعي تي ماهر ڊاڪٽرحزب ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن وقت ننڍن ٻارن ۾ اکين جي نظر جي ڪمي جو تمام گهڻو ريشو وڌي رهيو آهي. جنهن جو وڏو سبب ننڍپڻ ۾ ٻار ٽچ موبائيل فون هلائين ٿا. ان سبب ٻارن جي اکين تي منفي اثر پئجي رهيا آهن. والدين ٻارن کي ٽچ موبائيل ۽ ٽيبلٽ کان پري رکن. هنن وڌيڪ چيو ته ڏيڍ سو کان وڌيڪ مريضن جو مفت علاج ڪيو ويو آهي. انهن ۾ وڏي عمر جي ماڻهن جي اکين ۾ موتئي جو ريشو تمام گهڻو وڌي رهيو آهي. ڪاڻي مريضن جي اکين جو مفت آپريشن ڪرڻ لاءِ ڪين لئر مڪلي جي اسپتال موڪلي رهيا آهيون. انشا عوامي خدمت جو جذبو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 02

قتل ڪيس جي الزام هيٺ آيل ڌر پاران دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي قائم نگر ڪالوني جي رهواسين مسمات بيواھ رفعت، علي رضا، گلاب ۽ طارق سولنگي چيو ته 3 سال اڳ قائم نگر ڪالوني ۾ مٽي ڪٽڻ تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ پبلڪ هيلٿ جو ملازم محمد خان سولنگي کي قتل ڪيو ويو هو جنهن جو اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس جوابدارن علي شير عرف مصطفيٰ، مبين ۽ عنايت سولنگي تي داخل ڪيو ويو هيو، پوليس هڪ جوابدار علي شير سولنگي کي گرفتار ڪيو ڪورٽ سگهوري الزام ثابت ٿيڻ تي ڪيس ڦاسي جي سزا ٻڌائي هئي 2 جوابدار مبين سولنگي ۽ عنايت الله سولنگي تاحال روپوش آهن. مخالف پيرل سولنگي وارن راجوڻي لاءِ ميڙ منٿ ڪندا رهيا، اسان ڪين موٽائيندا رهياسين، مخالف ڌمڪائيندا رهيا اسان مٿان 5 ڪيس داخل ڪيا عدالت ڪوڙن ڪيسن کي خارج ڪري ڇڏيو. هاڻي مخالفن ڊرامو ڪيو آهي،سندن معصوم ٻار نور حسن جو لاش دادو ڪئنال مان مليو هو، اسان معصوم ٻار کي قتل نه ڪيو آهي، نه وري خبر آهي، معصوم ٻار جي قتل جو ڪيس اسان جي مٿان داخل ڪيو ويو آهي، مخالفن منور، يامين، مير ظهير، مدني، غفار، حافظ سڪندر سولنگي ۽ ٻيا اسان جي گهر ۾ گهڙي اسان تي تشدد ڪري موبائيل فون، لائسنس وارا هٿيار ۽ 5 هزار روڪ ڪڻي اسان کي گهر مان ٻاهر ڪڍي اي سيڪشن پوليس کي فون ڪري گهرايو پوليس اسان جي مردن کي گرفتار ڪري وئي، هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار کان مطالبو ڪيو ته شفاف جاچ ڪري ڪوڙو قتل ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

پر اسرار نموني قتل خبر موجب پيپلز پارٽي جي اڳواڻ حاجي مراد چانڊيو ۽ روزاني سوڀ اخبار جو بدين جو ضلعي رپورٽر عطا چانڊيو جي وڏو ڀاءُ جاني چانڊيو گذريل رات موٽر سائيڪل تي سوار ٿي بدين کان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو ته بدين شهر کان ڪجھ ڪلوميٽر گولاڙچي روڊ تي سخت زخمي حالت ۾ مين روڊ تي پيل ڏٺو ويو ڳوٺاڻن هن کي سڃاڻي ورتو ۽ انهن حاجي مراد ۽ عطا چانڊيو چانڊيو کي اطلاع ڪيو جن اتي پهچي پنهنجي ڀاءُ جاني چانڊيو کي زخمي حالت ۾ کڻائي انڊس سول اسپتال پهتا جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو بدين پوليس موجب ته جاني چانڊيو شهر ويجهو بدين ڪراچي مين روڊ لڳ ٽيڙو واھ وٽ روڊ جي پاسي ۾ زخمي حالت ۾ مليو جنهن کي انڊس اسپتال بدين پهچايو پر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس جاني چانڊيو جي موت کي روڊ حادثي جو سبب ٻڌايو آهي ۽ هن معاملي جي گهڻ رخي جانچ پڻ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته فوتي جاني چانڊيو جو پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽرن هن جو موت روڊ حادثو نه بلڪ هن کي قتل ڪرڻ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي ڊاڪٽرن موجب ته جاني چانڊيو جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ هن کي مٿي ۾ ڪنهن تيز آلي سان حملو ڪيو آهي فوتي جي وارثن موجب ته اسان واقع واري جاءِ تي پهتاسين ته جاني چانڊيو جي موٽر سائيڪل روڊ جي سائيڊ تي بيٺل هئي ۽ جاني چانڊيو ڪجھ فاصلي تي مرٽينگ حالت ۾ پيل هو جنهن کي اسان انڊس اسپتال کڻائي آياسين جتي اسان کي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته جاني چانڊيو جو موت جو سبب روڊ حادثو نه آهي پوسٽ مارٽم کانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ ڇنڇر ڏينهن کيس سندس اباڻي قبرستان جانڻ شاھ ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ بدين جي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح پ پ پ بدين سٽي جي صدر غلام رسول سومرو ڊسٽرڪٽ يونين آف جرنلسٽ بدين جي صدر مرتضيٰ ميمڻ نيشنل پريس ڪلب جي صدر نفيس ميمڻ جنرل سيڪريٽري رياض لاشاري اسلم ميمڻ علي محمد شاهاڻي اسلم پيو ميمڻ نعيم ميمڻ ديدار ملاح نثار عباسي سميت بدين جي صحافين ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي پ پ پ اڳواڻ حاجي مراد چانڊيو صحافين کي ٻڌايو ته 17 جنوري تي انهي جڳهه تي نامعلوم ڪار سوار ماڻهن منهنجي ڪار تي حملو ڪيو جنهن ۾ آئون معجزاتي طور بچو ويس پر منهنجي ڪار کي نقصان ٿيو پر چوڌن جو ماحول سبب آئون خاموش رهيس ۽ رات وري هي واقعو پيش اچي ويو آهي

بقايا سنڌيار 04

وتدن اديبن شاعرن ۽ علم دوست شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مهورتي تقريب جي صدارت زوار عبدالستار درس ڪئي جڏهن ته مهمان خاص محراب علي لطيفي هو ان موقعي تي اڳواڻ فقير نياز احمد شيخ دوست علي ونگاڻي، ياسمين ظفر ميمڻ، مرزا ظهير رداءِ زينب، حسين علي اڄڻ ڊاڪٽر نثار احمد شاھ ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته لطيف سرڪار حقيقت ۾ انسانيت جو پرچارڪ آهي جنهن جي ڪلام تي پوري دنيا تحقيق ڪري رهي آهي اعجاز ممنائي به پنهنجي قلم جي وسعت سان سندس ڪلام جي مختلف پهلوئن کي آسان نموني پيش ڪري وڏو ڪم ڪيو آهي جنهن تي کيس جس هجي اڳواڻ چيو ته اعجاز بهترين ليکڪ سان گڏ انسان دوست اديب آهي سندس اندر ۾ لطيف سرمايل آهي ڀاڻ اردو ۽ لطيف سرڪار وانگي حق ۽ سچ جو پرچارڪ آهي ڀاڻ ٿوري عرصي اندر ست ڪتاب ادب کي ارپيا اٿائين وٽس "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه" واري وائي عملي طور نظراچي ٿي اسان هن ڪتاب شايع ٿيڻ تي کيس دلي مبارڪباد ۽ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جڏهن ته اڳواڻ اعجاز ممنائي جي مرتب ٿيل صوفي شاعر محمد ايوب ميمڻ جي ڪتاب تي ڳالهائيندي چيو ته هن وقت پوري دنيا ۾ صوفي ازم جي پرچار ٿي رهي آهي چوته صوفي ازم ۾ ئي انسانيت جي بقا آهي محمد ايوب ميمڻ جي سادي شخصيت جو اندازو سندس ڪلام مان خوب لڳائي سگهجي ٿو اعجاز ممنائي نظم ۽ نثر جي ٻنهي ڪتابن کي هڪ جاءِ تي سهيڙي وڏو ڪم ڪيو آهي تقريب کي ڪتاب جي خالق اعجاز ممنائي خطاب ڪندي چيو ته مون لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي جو اڄ ٻن ڪتابن جي مهورت ٿي رهي آهي ۽ هن تقريب ۾ سنڌ جون مايه ناز شخصيتون موجود آهن اڄ جو ڏينهن عيد جي خوشيءَ کان گهٽ نه آهي مون وقت ۽ حالتن کي لطيف سائينءَ جي نگاهه سان ڏٺو آهي ۽ ڪڏهن به اهو نه سرچيو آهي ته اڳيان ڪهڙيون تڪليفون درپيش اچي سگهن ٿيون مون هر وقت ڀاڻ کي لطيف سرڪار جي ڪلام سان سلهاڙيل رکيو آهي ۽ همت ٿوڙي جستجو سان ڪڏهن سسئي وانگر پهڻ ۾ پير پٿون ڪيا اٿر ته ڪڏهن سهڻيءَ وانگي رات جا اوجاڳا ڪري من جي محبوب سان ملندي خوشي محسوس ڪئي اٿر تقريب جي آخر ۾ فورم پاران آيل مهمانن کي ڪتابن جو تحفا پڻ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 05

ڪيس. تفصيل موجب، پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو "جوڻيجو هائوس خانپورجوڻيجو" پهچي اڳوڻي ايم پي اي عبدالعزيزجوڻيجي جي وفات تي سندس پائيٽن پ پ پ اڳواڻ اسدخان جوڻيجو، پ پ پ اڳواڻ علي بخش جوڻيجوسان تعزيت ڪري گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو ته انجنيئر عبدالعزيزجوڻيجو پ پ پ جو سچو اڳواڻ هو، جنهن جي سياست مخالفن کي شڪست ڏيندي رهي آهي، عبدالعزيزجوڻيجو سخي انسان ۽ يارن جو يار هو، جنهن جي وفات تي وڏو خال پيدا ٿيو آهي جنهن جو خال پرڻ تمام مشڪل هوندو، ان موقعي تي پ پ پ ضلع دادو جنرل سيڪريٽري سردار غلام دستگير گوري، انفارميشن سيڪريٽري ممتاز جوکيو، تعلقه صدر لالا اعجاز چانڊيو، تعلقه جنرل سيڪريٽري محمد هاشم لانڊر، سياف ضلع اڳواڻ مير مختيار بروهي، سٽي صدر ميرمرتضيٰ لغاري، ضلع ڪائونسل ميمبر دادوسردار محمد خان نائچ، نوبزاده امجدخان ٻرڙو، درگاهه ڪنديجڪي سجاده نشين سيد احمد شاھ جيلاني، زاهد زنگيجو، غلام عباس نائچ، ممتاز علي ملاح، منظور ڪلهوڙو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 06

